



# سِنڌوُ ڀارتي

## درجو اَٺون

## سِنڌِي



# ڀارتيہ سنوڌان

## باب - چوٿون الف

## بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڏوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ڀ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پيدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ث) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٺ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جيئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

# درجو اٺون سنڌي

## سکڻ سيکارڻ جي پرڪريا

**سکندڙن کي ٻن يا گروپس / اَڪيلي ۾ وجھ ڏنا وڃن ۽ همٿايو ته...**

- گھر، پسگردائيءَ ۾ آزمودو آيل، ڏٺل گھٽنائن، قصن بابت ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪرائي. پنھنجا ويچار ٻڌائڻ جو موقعو ڏيو.
- اَخبارون، مخزن ۽ ٻيا ساهتيہ جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ اُتساهہ ڏياريو ۽ پڙهيل ڳالھين جھڙوڪ راندين، ميلن ۽ منورنجن، وگيان بابت ٻڌائڻ لاءِ همٿايو.
- گيت بيت سُرتال سان ٻڌائڻ لاءِ پاڻ ڳائي يا سي. ڊي دوران ٻڌڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏيو ۽ ڪين کو وشيہ ڏيئي ننڍا گيت، ڪويتائون پنھنجي ڪلپنا سان ٺاهي ٻڌائڻ لاءِ چئو.
- ناٽڪ ۾ الڳ الڳ ڪردار ڏيئي اَداڪاري ڪري ناٽڪ پيش ڪرڻ جو موقعو ڏيو.
- کو وشيہ ڏيئي اُن تي خط، ننڍا مضمون آکاڻي، پنھنجا ويچار ٻڌائڻ يا لکڻ لاءِ ڏيو.
- ڪنهن ڳالھہ جي شروعات ڪري، يا ڪي ڪردار ڏيئي آکاڻي، قصو، گھٽنا، گفتگو لکڻ لاءِ ڏيو.
- ٻڌل، پڙهيل لفظن کي سمجھڻ لاءِ ڊڪشنريءَ جو اُپيوگ ڪرڻ لاءِ همٿايو. اُهي لفظ روز مرهہ جي ڳالھائڻ ۾ نھکنڊڙ نموني ڪتب آڻين اَهڙا عمدا مثال ڏيو.
- ٻاشا جي ليکڻ کي وڌيڪ عمدو بڻائڻ لاءِ اِصطلاح، چوڻيون ڪم آڻڻ لاءِ سُجھايو.
- ٻاشا جي الڳ الڳ جيئن صفت، اِسم، ضمير، فعل حرف جر، حرف جملو، ساڳي معني وارا لفظ، هم آوازي لفظ وغيره سمجھائي اُپيوگ ڪرڻ لاءِ عمدا مثال ڏيو.
- اَهڙا قصا ۽ ڪھاڻيون، آکاڻيون پڙهڻ لاءِ همٿايو يا ٻڌايو جنھن سان ديش پريم جي ڀاونا، فرض، وڏن سان فضيلت پريو ورتاءُ، اِنتظام ۽ الڳ الڳ ڀاونائن کي سمجھڻ وغيره جھڙا ملھہ وڏي سگھن.
- ڪلاس ۾ درسي ڪتاب يا ٻين ڪن ڪتابن مان کو مذڪور صحيح رفتار سان، سمجھي ڪري پڙهڻ جو موقعو ڏيو.
- اِنٽرنيٽ / يوٽيوب ذريعي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏيو.

## علمي حاصلات

**سکندڙ:**

- 08.LQ.01 گھر، پسگردائيءَ ۾ سماج ۾ ڪلاس ۾ غيرروايتي ۽ روايتي نموني الڳ الڳ وشين جي گفتگو بحث مباحثي ۾ پنھنجا ويچار پختائيءَ سان رکيٿو.
- 08.LQ.02 گيت، بيت، گروپ گيت لئہ تال ۽ سُر ۾ ڳائي ٿو.
- 08.LQ.03 پنھنجي ڪلپنا سان ڪنھن وشيہ تي ڪويتا، مضمون خط، آکاڻي پنھنجن لفظن ۾ لکي ٿو.
- 08.LQ.04 ساهتيہ جا جدا جدا روپ پڙهي اُنکي سمجھي اُن سان پنھنجا آزمودا، ويچار پنھنجن لفظن ۾ ٻڌائي ٿو.
- 08.LQ.05 درسي ڪتاب يا ٻيا ساهتيہ جا ڪتاب، اَخبارون پڙهڻ وقت ايندڙ نون لفظن / ڏکين لفظن کي سمجھڻ لاءِ ڊڪشنريءَ جو اِستعمال ڪريٿو. اُهي نوان لفظ پنھنجي روزمرهہ جي ڳالھائڻ ۾ حالتن موجب نھکنڊڙ نموني ڪتب آڻي ٿو.
- 08.LQ.06 الڳ الڳ مشغولين، چٽاڀيٽين جھڙوڪ ٻاشا جي راندين، گيت، بيت ٻڌائڻ، گفتگو، ناٽڪن، مضمون لکڻ، تقريرون وغيره ۾ چاهہ سان ڀهرو وٺي ٿو.
- 08.LQ.07 اَلڳ اَلڳ ليکن ۾ ٻاشا جون چوڻيون ۽ اصطلاح سمجھي ڪم آڻي ٻوليءَ جي سونھن وڌائي ٿو.
- 08.LQ.08 سماج ۾ گھٽجندڙ، ٿيندڙ واقعن، قصن مسئلن ڪان واقف رهيٿو ۽ اُن لاءِ پنھنجا رايا ڏئي ٿو.
- 08.LQ.09 گھٽنائن جي سلسلي، ناٽڪ جي ڪردارن، آکاڻين جي سکيا بابت ٻڌائي ٿو.
- 08.LQ.10 ديش لاءِ پريم، وڏن سان عزت پريو ورتاءُ فضيلت، اِنتظام، جھڙا ملھہ ورتائي ٿو.
- 08.LQ.11 الڳ الڳ ڀاوناڻ کي سمجھي ٿو ۽ اُن جو واڌارو ٿئي ٿو.
- 08.LQ.12 ڏٺل مذڪور تي سوال پُڇي سگھن ٿا ۽ سوالن جا جواب ڏيئي سگھن ٿا.
- 08.LQ.13 ڏٺل / اَڻ سڃاتل مذڪور صحيح لحظي، صحيح رفتار ۽ صحيح اُچار سان بيھڪ جي نشانين موجب پڙهن ٿا.
- 08.LQ.14 اِنٽرنيٽ / يوٽيوب ذريعي ڪنھن بہ وشيہ تي ڄاڻ حاصل ڪري سگھي ٿو.

سرڪاري فيصلو نمبر: اڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ٤٣/ ١٦) ايس.ڊي.٤، تاريخ ١٦.٤.٢٥ موجب اسٿاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽيءَ جي تاريخ ٢٩.١٢.١٧ جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي سنه ١٩-٢٠١٨ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# سِنڌُو پارتي

## درجو اَٺون

## سِنڌِي

٢٠١٨

महाराष्ट्र राज्य पाठ्यपुस्तक निर्मिती व अभ्यासक्रम संशोधन मंडळ

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي
و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

LHI7L3

چاپو پهريون : ٢٠١٨
سڌاريل چاپو : ٢٠٢٢

© مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-٤١١٠٠٤
مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبہ ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٽي نٿو سگهجي.

| | | |
|---|---|---|
| سنڌي ڀاشا سمتي ۽ اَڀياس گٽ سمتي | : | ڊاڪٽر ديال 'آشا' سياپتي<br>شري اَشوڪ ڪملداس مکتا ميمبر<br>شريمتي ميران مهيش گدواڻي ميمبر<br>شري وڄيہ راڄڪمار منگلاڻي ميمبر<br>شري گووردن شرما 'گهايل' ميمبر<br>شريمتي راڄيشري جينانند ٽيڪچنداڻي ميمبر<br>شريمتي ڪاجل اَنيل رامچنداڻي ميمبر<br>شريمتي وندنا رامواڻي (نينڊ ڊنل ميمبر) |
| سنيوجڪ | : | شريمتي ڪيتڪي جاني<br>(اِنچارج وشيش اَڌڪاري سنڌي) |
| سنيوجڪ سهايڪ | : | شريمتي گيتا گڻيش ٺاڪر<br>(ڪاپي رائيٽر، سنڌي) |
| ٽائيپ سيٽنگ | : | ڪرشنا اِنٽرپرائيز، ڪئمپ، پوني<br>اَنيتا ماکيجا، جانڪي موٽواڻي |
| چٽرڪار | : | شري يوُجين جوسِف |
| نرمتي | : | شري سچيتانند آڦڙي (مکيہ نرمتي آفيسر)<br>شري سنديپ آجگانوڪر (نرمتي اَڌڪاري) |
| پرڪاشڪ | : | شري وويڪ اُتم گوساوي،<br>پاٺيہ پُستڪ نرمتي منڊل،<br>پرڀاديوي، ممبئي - ٢٥. |
| ڪاغذ | : | ٧٠ جي. ايس. ايم. ڪريم وو |
| پرنٽنگ آرڊر | : | N/PB/2022-23/ Qty. |
| ڇاپيندڙ | : | M/s |

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَڇلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڱي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وِڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرتِگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو،

توهان سڀني جو درجي اَٺين ۾ سواڳت آهي. هن ڪان اڳ واري درجي ۾ بہ توهان سنڌو ڀارتي ڪتاب پڙهيو آهي. درجي اَٺين جو هي درسي ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسان کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

دوستو، سنڌي ٻولي سٺي نموني ڳالهائڻ ٻولهائڻ اَچڻ لاءِ اوهانجو لفظن جو خزانو چڱو هجي، اُن لاءِ هن درسي ڪتاب جون آکاڻيون،گفتگو، سبق، ڪوتائون گيت پڙهي نوان نوان لفظ، اِصطلاح، چوڻيون سکڻ لاءِ ملنديون. اَسان کي اِئين ٿو لڳي تہ هي ڪتاب پڙهي توهانجو ماتر ڀاشا لاءِ پيار وڌي.

توهانکي وڌي اِن لاءِ درسي ڪتاب ۾ لفظن جي راند، ڳجهارت، مات ۾ پڙهو، پاڻ ڪريان-پاڻ سکان، چتر جاچيو، ٻڌايو، جملا بدلائي لکو. اَهڙي نموني جون اَنيڪ مشغوليون ڏنيون آهن. ساڳي نموني وياڪرڻ جا الڳ الڳ روپ سؤلي نموني ڏنا ويا آهن. اِن ڪان سواءِ نئين نموني جي بدلاءُ موجب ڳالهائڻ ۽ لکڻ جو موقعو مليل آهي. توهان کي موبائيل، ڪامپيوٽر سؤلائيءَ سان واپرائڻ اَچي ٿو. هن تڪنيڪ جو اڀياس ۾ اُپيوگ ٿئي، اُن نظريي سان ڪجهہ مشغوليون ڏنل آهن. وڊيڪ ڄاڻ لاءِ اَئپ وسيلي ڪيو آر ڪوڊ ذريعي هرهڪ سبق جي وڊيڪ ڄاڻ ملندي. اُن جو توهان کي اَڀياس لاءِ اُپيوگ ٿيندو. سنڌي ڀاشا سکڻ وقت اُن مان ڪجهہ سکڻ، سماجڪ مسئلا سمجهڻ ۽ اُهي حل ڪرڻ لاءِ اُٺ تڻ هجي. اِهو بہ اَهميت وارو آهي. اِن نظريي سان درسي ڪتاب ۾ آيل سبق، مشغولي ۽ اَڀياس جو ويچار ڪريو.

هي درسي ڪتاب توهان کي وڻيو چا، اِهو اَسان کي ٻڌائيندا. توهان سڀني کي شڀ ڪامنائون.



**(ڊاڪٽر سُنيل مگر)**

**سنچالڪ**

**مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي وَ اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.**

**پڻي:**

**تاريخ ١٨ اَپريل ٢٠١٨، اَکڻ ٽيج**

**ڀارتيہ سوريہ تاريخ : ٨ ويساک ١٩٣٩**

## فهرست


| نمبر | سبق / بيت | ليکک / شاعر | صفحو |
| --- | --- | --- | --- |
| ١. | پرارٿنا (بيت) | پرسرام 'ضيا' | 1 |
| ٢. | پڇتاءُ | لعل هوتچنداڻي 'لاچار' | 4 |
| ٣. | ڪڇڻي | ----- | 9 |
| ٤. | گيت | ڪيمن مولاڻي | 14 |
| ٥. | تعليم ئي سچي دولت آهي | سمپادڪ منڊل | 18 |
| ٦. | سچو ڌرم | واشديو | 22 |
| ٧. | منهنجو وطن | هوندراج 'دکايل' | 25 |
| ٨. | هميشه سنو سوچجي | سمپادڪ منڊل | 29 |
| ٩. | پنجڪڙا (بيت) | گووردن شرما، 'گهايل' | 34 |
| ١٠. | اَڪبر بيربل | اجيہ شنڪر لعل شوناڻي | 37 |
| ١١. | زندگي (بيت) | ريکا سچديو پوهاڻي | 40 |
| ١٢. | سچائي جو انعام | ----- | 42 |
| ١٣. | گُل ڪلايون اَڱڻ ۾ (بيت) | نندلعل راجپال 'نردوش' | 45 |

# ١. پرارٿنا



**ٻُڌو. ڳايو.**

تو بَخشيون اَسان کي، لکين نعمتون،
ديا سان اُنهن ۾، تون وِجهہ بَرِڪتون.
سٺيون عادتون ڏي، سٺيون خصلتون،
تہ پنهنجون سُڌاريون اَسين حالتون.
دَيالو اَسان تي، اِها ڪَرِ دَيا،
چَپَنِ تي رِهي تنهنجو نالَو سَدا.
ڪنن سان ٻُڌون، تنهنجي هردم ثنا،
اَکين سان ڏسون شان تنهنجو پيا.
نمسڪار توکي هميشهہ ڪريوُن،
ءُ سِرُ تنهنجي چرنن ۾ هردم ڌريون.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| بخشيون= ڏنيون | نعمتون = وردان | برڪت = واڌارو |
| خصلتون = خوبيون | سَدا = سدائين | ثنا = ساراهہ |
| شان = دَٻِدَٻو، جلوو. | | |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) شاعر ڇا ۾ برڪتون وجَهڻ لاءِ چوي ٿو؟

٢) پنهنجون حالتون سُڌارڻ لاءِ ايشور ڪان ڇا گهُريو ويو آهي؟

٣) ڇِپَنِ تي ڪنهنجو نالو رَهڻ لاءِ چيل آهي؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) شاعِرُ ڪَنَن ۽ اکين لاءِ ڇا ٿو چوي؟

٢) ’پرارٿنا‘ بيت جو سارُ لکو.

**سوال ٣: خال ڀريو.**

١) تو بخشيون اَسان کي ...................... نعمتون.

٢) ديالو اَسان تي اِها ڪَرِ ......................

٣) ...................... توکي هميشه ڪريون.

**سوال ٤: بيت جي آڌار تي سِٽوُن پوريون ڪريون.**

١) سٺيون عادتون ............................................................ اَسين حالتون.

٢) ڪَنن سان ............................................................ تنهنجو پيا.

---

## پورڪ اَڀياس

**(١) شعر بند تي عملي ڪم**

سٺيون عادتون ............................................................ شان تنهنجو پيا.

**ڇوُڪنڊن ۾ ڏنل لفظن جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ لکو.**

سدا | اَکين

**(i) ’هردم‘ لفظ جا اَکر ڪم آڻي، نوان لفظ تيار ڪريو:-**

١) ................................... (هميشه)

٢) ................................... (ساهُه)

٣) ................................... (ساڳيو)

٤) ................................... (ڳني)

(٢) هيٺ ڏنل بيان لاءِ 'سٺي عادت' يا 'خراب عادت' برئڪيٽ ۾ لکو:

١) هميشه سچ ڳالهائجي. ( )
٢) دير سان اُٿڻ گهرجي. ( )
٣) وقت جو قدر ڪرڻ گهرجي. ( )
٤) ڪاڌي کائڻ کان اَڳ هٿ ڌوئڻ گهرجن. ( )
٥) پاهريون جنڪ فوڊ کائڻ گهرجي. ( )
٦) روز ڪسرت ڪرڻ گهرجي. ( )
٧) صبح جو اُٿڻ سان ۽ رات جو سمهڻ کان اَڳ بُرش ڪرڻ گهرجي. ( )

(٣) سنڌيءَ ۾ ڪيترا مشهور پرارٿنا گيت آهن. اُنهن مان جيڪي توهان کي وڻن اُهي ڪلاس ۾ ڳڏجي ڳايو.


LMS3MQ

## پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

١. هيٺ گولن مان سڀ اَکر ڪٺي ٻه لفظ ٺاهي اُنهن جا الڳ الڳ جملا ڏنل مثال موجب لکو:

| اَکر | لفظ ۽ جملا |
|---|---|
| مثال: د آ ي | ١. هاسٽل ۾ رهندي مان مائٽن کي ڏاڍو <u>ياد</u> ڪندو آهيان.<br>٢. اَسان کي پکين پسن تي <u>ديا</u> ڪرڻ گهرجي. |
| و ر ز | ١.<br>٢. |
| آ ر ڄ | ١.<br>٢. |
| ل م ع | ١.<br>٢. |
| ز آ ي ن | ١.<br>٢. |
| ي ت ر | ١.<br>٢. |
| ڪ و ل | ١.<br>٢. |

# ٢. پڇتاءُ



**پڙهو، پڙهو ۽ سمجهو.**

ڪرڪيٽ هڪ رومانچڪ راند آهي. پل - پل رانديگرين ۽ درشڪن جي مُنهن جو هاوڀاو بدلجندو رهندو آهي. چونڪو يا ڇڪو لڳڻ سان درشڪ پنهنجين پنهنجين ڪرسين تان اُٿي بس، خوشيءَ مان تاڙيون وڄائيندا آهن ته وري رانديگر جي آئوٽ ٿيڻ تي ڏک کان پنهنجا ٻئي هٿ پنهنجن هٿن تي رکي افسوس ظاهر ڪندا آهن. اسڪول ۾ مُحلي جا ٻار اڪثر پاڻ ۾ گڏجي هيءَ راند ڪندا آهن.

سوسائٽيءَ جي ٻارن کي ٻه ڪرڪيٽ راند ۾ ڏاڍي دلچسپي هئي. هر آرتوار يا موڪل جي ڏينهن سوسائٽيءَ جي پاسي واري ميدان تي پندرهن - ويهه ٻار گڏجي راند ڪندا هئا. اڄ آرتوار هئڻ سبب سوسائٽيءَ جا ٻار ڪرڪيٽ راند ڪري رهيا هئا. سڀني ٻارن کي راند ۾ ڏاڍو آنند اچي رهيو هو. چؤڪي - ڇڪي لڳڻ تي ٻارن خوشيءَ وچان تاڙيون ٿي وڄايون. وري ڪن ٻارن وات سان سيٽيون وڄائي رانديگرن ۾ اُتساهه ٿي پريو.

ڪرڪيٽ راند ۾ رومانچ تڏهن وڌي ويندو هو جڏهن برجو بولنگ ڪندو هو ۽ سامهون وري ڪشور بيٽنگ ڪندو هو.

برجوءَ جي پهرئين ئي بال تي ڪشور بائونڊري هنئين. ٻئي بال تي به وري هن ساڳئي نموني بائونڊري هنئين. پر برجو نراس ڪونه ٿيو ۽ هن جي اڳلي بال کي وڪيٽ ڪيپر ساجن ڪئچ ڪري خوشيءَ مان هڪدم چلائي چيو، ”آئوٽ“. برجوءَ ڊُڪ پائي، ٽپو ڏيئي ساجن کي ڀاڪر پاتو. ٻيا رانديگر به ڊوڙندا برجوءَ سان هٿ ملائڻ لڳا. پر ڪشور اُتي ئي ڪريز تي بيٺو رهيو ۽ برجوءَ کي چوڻ لڳو ته بال ٻئٽ سان نه پر زمين تان ٽپو کائي ساجن جي هٿن ۾ پيو آهي. تنهنڪري هو آئوٽ ڪونهي. ان ڳالهه تان برجو ۽ ڪشور جي وچ ۾ لفظي چڪتاڻ آهستي آهستي وڌندي پئي ويئي. سڀئي ٻار برجو ۽ ڪشور کي پنهنجي پنهنجي نموني سمجهائڻ جي

ڪوشش ڪندا رهيا.

آخر گهڻي بحث ڪانپوءِ 'ڪشور آئوٽ ڪونهي' اهڙو فيصلو ورتو ويو. برجوءَ کي اهڙي غلط فيصلي تي ڪاوڙ لڳي ۽ هُن اڳلو بال سايو ڪري اَهڙي نموني اُڇاليو جو سڌو وڃي ڪشور جي مٿي تي لڳو. ڪشور جي هٿن مان بئٽ ڪري پيئي ۽ هو پڻ زمين تي ڪري پيو. سڀ ٻار ڊوڙندا ڊوڙندا ڪشور وٽ آيا ۽ هن جي مٿي مان وهندڙ رت کي ڏسي هيسجي ويا. گهٻراهٽ وچان هڪ ٻار ڊوڙ پائي ڪشور جي ماءُ پيءُ کي وٺي آيو.

ڪشور کي اِسپتال ۾ وٺي آيا. ڊاڪٽر يڪدم هُن جو علاج شروع ڪيو. مٿي تي پنج ٽاڪا هڻي سور ۽ ننڊ جون سيون هنيائونس ته جيئن آرام مليس.

ٻئي ڏينهن تي سوسائٽيءَ جا سڀ ٻار ڪشور کي اسپتال ۾ ڏسڻ آيا. ڪو ٻار ڪشور جو هٿ پڪڙي سڏڪڻ تي لڳو ته وري ڪو هن جي ڳلن تي پيار پريا هٿڙا گهمائڻ تي لڳو. سوسائٽيءَ وارا به ڪشور کي ڏسڻ لاءِ ايندا رهندا هئا. اَهڙي نموني لڳ ڀڳ سڀ مِٽ مائٽ، اوڙي پاڙي وارا، يار دوست اِسڪول جا هم ڪلاسي ڪشور جي صحت جو حال احوال پڇي اِسپتال مان ٿي ويا. پر جيڪڏهن ڪير هُن ڪان پڇڻ ڪونه آيو ته اُهو هو بِرجو.

ڪشور سمجهي ويو برجو ڊپ ڪان ڪيس ڏسڻ ڪونه ٿو اچي. پر تڏهن به الائي ڇو پڪ هئس ته هو موقعو وٺي ضرور ايندو. تنهن ڪري هن جون نظرون اَڪثر در طرف هونديون هيون. برجوءَ جو من به ڪشور کي ڏسڻ لاءِ ڏاڍو تڙڦندو هو. پر ڊپ ۽ سنڪوچ ڪان چاهيندي به هو اِسپتال ڪونه آيو. پر آخر هڪ ڏينهن من وس تي هو اِسپتال ويو. دريءَ جي اوٽ ۾ بيهي ليڪا پائي ڪشور کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

ڪشور جي نظر اوچتو دريءَ جي اوٽ ۾ بيٺل برجوءَ تي پيئي. اُن وقت هو روم ۾ بلڪل اڪيلو سمهيل هو. هن هٿ جي اِشاري سان برجوءَ کي روم اَندر اَچڻ لاءِ چيو. برجو همٿ ٻڌي ڊڄندو سَهمندو ڪشور وٽ آيو ۽ هن جي ٻنهي هٿن کي پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ جهلي رُئندي چوڻ لڳو، ''ڪشور، مونکي معاف ڪر.''

''برجو، معاف ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي، راند ۾ ته اِهو ٿيندو رهندو آهي.''

''ڪشور! برابر آهي. ڪرڪيٽ راند ۾ اهڙا ڏڪ ته لڳندا رهندا آهن. پر جيڪو بال تنهنجي مٿي تي لڳو هو اُهو بال مون سايو ڪري ئي اُڇاليو هو. پر پوءِ مونکي اُن جو پڇتاءُ ٿيو. جوش ۾ هوش وڃائڻ نه گهرجي. اِها سکيا اَڪثر وڏا ڏيندا رهندا آهن. پر مون اُن انمول سڏانت جو عمل ڪونه ڪيو. ڪشور، مان تنهنجو ڏوهي آهيان. تون مونکي مار.'' اِئين چئي برجو ڪشور جي هٿن کي پڪڙي پنهنجن ڳلن تي مارڻ لڳو.

''برجو، تون هيءُ ڇا ڪري رهيو آهين'' ڪشور پنهنجا هٿ برجوءَ جي هٿن مان ڇڏائيندي چيو.

''ڪشور، مونکي معاف ڪر.'' ائين چئي برجو وري اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو.

''برجو، تنهنجو ڪوبه ڏوهه ڪونهي. منهنجو ئي ڏوهه آهي. مان ئي گنهگار آهيان. مون ڪوڙ ڳالهايو هو. اُن ڪوڙ جو ڏنڊ ته ضرور ڀوڳڻو پوندو نه! بس اِهو ڏنڊ، اها سزا تنهنجي هٿان ملي ويئي آهي.'' ڪشور هلڪي مرڪ چپن تي آڻي چيو.

''ڪشور، ڏنڊ... سزا... گنهگار.... تون ڇا ٿو چوڻ چاهين؟ ... مونکي پورو سمجهه ۾ ڪونه ٿو اَچي!'' برجو عجب مان ڪشور ڪان پڇيو.

''برجو، تنهنجي بال تي مان سچ پچ آئوٽ هئس، تڏهن به مان ڪوڙ ڳالهائي پاڻ کي صحيح ۽ توکي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ تو سان جهڳڙو ڪرڻ لڳو هئس. پنهنجي ڳالهه مڃائڻ لاءِ مان ڏاڍيان ڳالهائي توکي گهٽ وڌ چوڻ لڳس. بس ڊٺيءَ مونکي ڪوڙ جي سزا ڏني. برجو، مان توسان اِنجام ٿو ڪريان ته اَڄ ڪانپوءِ ڪڏهن به، ڪهڙين حالتن ۾ به مان ڪوڙ ڪونه ڳالهائيندس.'' اِئين چئي ڪشور برجوءَ جي ٻانهن کي هيٺ ڇڪي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو.

ڪشور ۽ برجو ٻئي پنهنجي ڪئي تي پڇتاءَ جا آنسون وهائي سڏڪندا رهيا.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| ڪاوڙ ڪرڻ = غصو ڪرڻ | ڏوهي = گنگهارُ | هيسجي وڃڻ = ڏڪي وڃڻ |
| انجام ڪرڻ = واعدو ڪرڻ | سنڪوچ = هِٻڪ | |

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

(i) ڪرڪيٽ راند ۾ ٻار تاڙيون ڪڏهن وڄائيندا آهن؟

(ii) ڪشور برجوءَ کي ڇا چيو؟

(iii) برجوءَ ڪاوڙ لڳڻ تي ڇا ڪيو؟

**سوال ۲: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

(i) ڪرڪيٽ کي رومانچڪ راند ڇو چيو ويو آهي؟

(ii) سوسائٽيءَ جا سڀ ٻار اسپتال ڇو ويا؟

(iii) ڪشور جون نظرون اڪثر در طرف ڇو هونديون هيون؟

(iv) ڪشور برجوءَ کان معافي ڇو ورتي؟

(v) هن ڪهاڻيءَ مان توهانکي ڪهڙي سکيا ملي ٿي؟

**سوال ۳: خال ڀريو:**

۱) سوسائٽيءَ جي ٻارن کي بہ .................... راند ۾ ڏاڍي دلچسپي هئي.

۲) برجوءَ جي ڀهرئين ئي ٻال تي ڪشور ................. هنئين.

۳) ڪشور سمجهي پيو تہ برجو .................. کان ڪيس ڏسڻ ڪونہ ٿو اَچي.

**سوال ۴: (الف) هيٺ ڏنل جملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن:-**

۱) ”معاف ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. راند ۾ تہ اهو ٿيندو رهندو آهي.“

۲)”مونکي معاف ڪر.“

**(ب) صفتون ٺاهيو.**

دلچسپي، اثر، جوش، لفظ

**(ٿ) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ ڏيئي جملي ۾ ڪم آڻيو.**

انجام ڪرڻ، هيسجي وڃڻ، اوچنگارون ڏيئي روئڻ.

## پورڪ اَڀياس

**(ا) ٽڪر تي عملي ڪم:**

ڪشور جي نظر اوچتو ........................................................... ڳلن تي مارڻ لڳو.

**(i) ڏنل هدايت موجب ٻہ - ٻہ لفظ ڳولهيو:**

۱) ............................ ............................ (بدن جا عضوا)

۲) ............................ ............................ (گهر جا حصا)

۳) ............................ ............................ (ٻہ پاتر)

۴) ............................ ............................ (علم سان لاڳاپو رکندڙ)

**(ii) وچ وارو اکر ڀري لفظ ٺاهيو:**

| ن | ظ | ر |
|---|---|---|
| س | ...... | يا |
| ع | ...... | ل |
| ما | ...... | ڻ |
| هہ | ...... | ٿ |

**(iii) پر جيڪو ٻال تنهنجي مٿي تي لڳو هو اُهو ٻال مون سايو ڪري ئي اُڇاليو هو.**

مٿئين سٽ ۾ مان مناسب لفظ ڳولهي خاڪو پورو ڪريو :-

| اِسم | ضمير | صفت | فعل |
|---|---|---|---|
| | | | |

**(iv) برئڪيٽ مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو:**

**(زخم، گنهگار، اُصول، بزرگ)**

۱) اِها سڪيا اَڪثر ................. ڏيندا رهندا آهن.

۲) مان تنهنجو ............ آهيان.

۳) راند ۾ اَهڙا ......................... تہ لڳندا رهندا آهن.

۴) پر مون اُن اَنمول ..................... جو عمل ڪونہ ڪيو.

**(v) برابر جملن لاءِ ✓ ۽ غلط جملن لاءِ ✗ لکو:**

١) ڪشور ۽ برجوءَ جي سچي دوستي هئي. ☐

٢) جوش ۾ هوش وڃائڻ نہ گهرجي. ☐

٣) برجوءَ زوريءَ ڪشور جي مٿي تي بال اُڇلايو هو. ☐

۴) برجو پڇتاءَ ڪان پري هو. ☐

**(vi) ڏنل ٽڪر گفتگوءَ جي روپ ۾ لکو: شروعات جون سٽون ڏنل آهن.**

**ڪشور:** برجو، ڀاهر چو بيٺو آهين؟ اَندر اَچ

**برجو:** ها - ها - تو سان ملڻ ئي آيو آهيان...

## ويا ڪرڻ

### ظرف

اُهو لفظ جيڪو فعلَ، صِفت يا ٻئي ظرفَ سان لاڳاپو رَکي ٿو ۽ جنهن مان وقت، جاءِ، ريت، قدر، اَنداز، ناڪار، قبوليت وغيره جي مَعنيٰ نِڪري ٿي اُن کي ظرف چئبو آهي.

**جئين تہ:** هاڻي، مٿي، آهستي، نہ، ها، وغيره.

**مثال طور:** (١) گهوڙو آهستي ڊُڪيو. (٢) اَنبُ تمام مِٺو آهي.

(٣) مان هميشه ماءُ پيءُ جو چيو مڃيندو آهيان.

**هيٺين جملن مان ظرف ڳولهي لهو:**

١) مون ڪالهہ هڪڙو نانگ ڏٺو.

٢) هوُ آهستي آهستي پڙهي ٿو.

٣) باهہ تيز ٻَري ٿي.

۴) ٿورو ترسو، اَنيل جلد موٽندو.

۵) هوُ چڱو ڳائي ٿو.

LN1YPD

# ٣. ڪِچڙي

ڪِچڙيءَ جو گلوبل برانڊنگ ڪرڻ جو سرڪار فيصلو ڪيو آهي. ڪِچڙي هاڻ برگر، پيزا ۽ چائومن وانگر گلوبل فوڊ بڻجي ويندي، اُن ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي.

ڀارت سرڪار چاهي ٿي ته ڪِچڙي به دنيا جي هر ريسٽورنٽ جي رنڌڻي ۾ ميسر ٿئي ۽ دنيا جي سڀني ملڪن ۾ لوڪ پريه ٿئي.

٢ نومبر٢٠١٧ع دهليءَ ۾ نئشنل فوڊ فيسٽيول ملهايو ويو. جنهن ۾ دنيا جي هر ملڪ جي ڪاڏي جون وئرائٽيون ڪائڻ ۽ ڏسڻ وڃان مليون. ۴ نومبر ٢٠١٧ع تي پرڌان منتري جي حاضريءَ ۾ اٺ سؤ ڪلوگرام چانورن جي ڪِچڙي تيارڪئي ويئي جو هڪ ورلڊ رڪارڊ آهي. ان سان گڏ ڀارت جي هن ريسپيءَ جو به ڪافي ماترا ۾ پرچار ٿيو آهي ۽ اَهڙي نموني اَنترراشٽريه سطح تي به ڀارت جي هن ريسپيءَ جي رڌپچاءَ جي طريقي جي سڃاڻپ وڌندي.

سوال آهي ته اِن لاءِ ڪِچڙيءَ کي ئي ڇو چونڊيو ويو؟ ڪِچڙي حقيقت ۾ ايڪتا جي نشاني آهي. غريب چاهي شاهوڪار، هندو چاهي مسلمان ڪِچڙي هرڪو چاهه سان کائي ٿو. وري اُها ڀارت جي هر پرانت جا رهواسي کائيندا آهن.

ڪِچڙيءَ ٺاهڻ لاءِ رواجي طور چانور، دال ڀاڄيون ۽ مصالحن جو اِستعمال ڪيو ويندو آهي.

اُتر ۽ اوڀر وارن پرانتن ۾ چانورن جي پئداڻش وڌيڪ ٿيندي آهي ته وري مڌيه ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ دالين جي. مصالح اولهه ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ جهجها ٿين. ان ڪري ڪِچڙي ڀارت کي سڀني پرانتن ۾ کاڌي ويندي آهي. ان طرح سڀني پرانتن جو ڪِچڙيءَ ۾ يوگدان آهي ۽ پوري ڀارت کي جوڙي رکيو آهي. ٻين لفظن ۾ چئجي ته ڪِچڙي معنيٰ سڄو هندوستان!

ڪشمير کان وٺي ڪنيا ڪماريءَ تائين ڪِچڙي ٺاهڻ جا بيشڪ اَلڳ اَلڳ طريقا ۽ نالا آهن پر شيءِ ساڳي آهي. ڪشمير ۾ پيلي چانورن جو پرساد ٺاهيو ويندو آهي، جنهن کي ’تهري‘ چوندا آهن. ڪُٻير جي پوڄا ڪشميري پنڊت ڪِچڙيءَ جي ڀوڳ سان ڪندا آهن. پنجاب ۽ هريانا ۾ ڪِچڙيءَ ۾ مڱن جي دال ۽ ٻاجهري به ملائي ويندي آهي. راجستان ۾ سردين ۾ ٻاجهريءَ جي ڪِچڙي کاڌي ويندي آهي. ڪِچڙيءَ سان گڏ پاپڙ به کائڻ پسند ڪندا آهن. گجرات ۾ ڪِچڙيءَ جو سواد ٿورو مٺو هوندو آهي ۽ ڪڙهيءَ سان گڏ کاڌي ويندي آهي. اُتر پرديس ۾ ڪِچڙيءَ کي وڌيڪ سوادي بڻائڻ لاءِ اُن ۾ ڀاڄيون به وڌيون ويندايون آهن ۽ اُن کي ’تهري‘ چوندا آهن. اولهه بنگال ۾ دسهڙي جي موقعي تي يعنيٰ دُرگا پوڄا وقت پرساد طور ڪِچڙي ورهائي ويندي آهي. اهو پرساد مصالحن سان ڀرپور ۽ ڏاڍو سوادي هوندو آهي. ڪرناٽڪ ۾ ڪِچڙيءَ کي ’ٻيسي ٻيلي ڀات‘ چوندا آهن. هن ڪِچڙيءَ ۾ هر قسم جا اناج گڏيا ويندا آهن. ڏکڻ ڀارت ۾ ڪِچڙيءَ ۾ ڪارا مرچ ۽ ڪاجا وڌا ويندا آهن. اوڙيسا ۾ ڪِچڙيءَ کي کيچڙي چوندا آهن، جنهن ۾ ادرڪ پڻ وڌي ويندي آهي. جڳنناٿ پوريءَ جو پرساد به ڪِچڙيءَ جو هوندو آهي جيڪو ڏاڍو سوادي ۽ مشهور آهي. پونگل ڏکڻ ڀارت جو هڪ مشهور اُتسؤ آهي. اُتسؤ تي پرساد جي روپ ۾ ڪِچڙي ڏني ويندي آهي، هن پرساد کي ئي پونگل چوندا آهن. آنڌرا پرديش ۽ تيلنگانا ۾ ڪِچڙيءَ جو رنگ ۽ روپ ڪجهه اؤر ئي هوندو آهي. حيدرآباد ۾ نان ويڄ ڪِچڙي ڏاڍي مشهور آهي جنهن کي ڪِچڙي ڪيما ڪٺا چوندا آهن. سنڌين جي ڪِچڙي چانور ۽ دال جي ٺهيل هوندي آهي، جنهن ۾ سچي گيهه جو تڙڪو ڏيندا

آهن، جيڪا ڏهي، پاپڙ سان کاڌي ويندي آهي. هاڻ ته ان ۾ ٿوريون ڀاڄيون جهڙوڪ پيز، گجر جا سنها ٽڪر ڪري وجهي ڪِچڙي ٺاهي ويندي آهي جا تمام سوادي ٿيندي آهي. سوامي نارائڻ مندرن ۾ پرساد طور ورهائجندڙ ڪِچڙيءَ جو سواد به ڪڏهن وساري نه سگهبو.

آيرويد ۾ ڪِچڙيءَ کي امرت جهڙو درجو ڏنل آهي جنهن کي 'ڪرشرا' چوندا آهن. 'ڪرشرا' جو مطلب آهي ٻن شين کي برابر حصي ۾ ملائي رڌڻ. آيرويد جي ڪتاب ''ڀاو پرڪاش نگهنٽو'' ڪرشرا ٺاهڻ جي وڌي ڏنل آهي، جنهن مطابق چانورن ۽ دال کي ساڳئي حصي رسيءَ ۾ ڪٽي پاڻيءَ ۾ وجهي رڌبو آهي. پوءِ ان ۾ سينڌو لوڻ، ادرڪ ۽ هڱ جو تڙڪو ڏنو ويندو آهي. ان کي ڪرشرا چوندا آهن جيڪو امرت وانگر هوندو آهي.

آيرويد ۾ مڪر سنڪرانتيءَ کان وٺي هوميءَ تائين ڪِچڙي کائڻ جو مناسب وقت ٻڌايو ويو آهي. آيرويد مطابق وات، پت، ڪف جو سنتولن بگڙجڻ سان بيماريون ٿينديون آهن. ڪِچڙي وات، پت ۽ ڪف جي وچ ۾ ميزان رکڻ جو ڪاريه ڪندي آهي. اڄ جو وگيان به اسانجي ابن ڏاڏن جي مڃتائن جي پُٺڀرائي ڪري ٿو. ڏٺو وڃي ته ڪِچڙيءَ ۾ قوت بخش جزن جو صحيح سنتولن آهي يعني چانور، دال، گيهه سان آسانکي ڪاربوهائيڊريٽس، پروٽين، فائبر ۽ صحيح ماترا ۾ سٽپ ملي ٿو. **(ڀارتيه سنڌو سڀا ممبئي جي نيوز ليٽر تان ورتل.)**

## نوان لفظ:

| | |
|---|---|
| پُٺڀرائي ڪرڻ = همٿائڻ | مڃتا = قبوليت |

## اَڀياس

### سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو:

١) ڪِچڙي بابت سرڪار ڪهڙو فيصلو ڪيو آهي؟
٢) ڪشمير ۾ ڪُبير جي پوڄا لاءِ ڪهڙو پرساد ٺاهيندا آهن؟
٣) راجستان ۾ سردين ۾ ڇاجي ڪِچڙي ٺاهي ويندي آهي؟
٤) ڪرناٽڪ ۾ ڪِچڙيءَ کي ڇا چوندا آهن؟
٥) آيرويد موجب بيماريون ڇو ٿينديون آهن؟

### سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو:

١) ڪِچڙيءَ کي گلوبل فوڊ لاءِ ڇو چونڊيو ويو آهي؟
٢) سِنڌي ڪِچڙي ڇا جي ٺهيل هوندي آهي؟
٣) 'ڪرشرا' ڇا کي چوندا آهن؟

### سوال ٣: هيٺين ۾ خال ڀريو:

١) ڪِچڙيءَ سان گڏ .............. به کائڻ پسند ڪندا آهن.
٢) اُتر پرديش ۾ ڪِچڙي وڏيڪ سوادي بڻائڻ لاءِ اُن ۾ ........ وڌيون ويندي آهن.
٣) اوڙيسا ۾ ڪِچڙيءَ کي ............... چوندا آهن.
٤) .......... ڏکڻ ڀارت جو هڪ مشهور اُتسو آهي.
٥) ڪِچڙيءَ ۾ ............ جو صحيح ميزان آهي.

سوال۴: ضد لکو:-

۱) ايڪتا ۲) برابر ۳) وڏيڪ ۴) امرت ۵) جهجها

سوال ۵: صفتون ٺاهيو:

۱) سرڪار ۲) سواد ۳) بيماري ۴) وقت ۵) حقيقت

## پورڪ اَڀياس

### ۱. ٽڪر تي عملي ڪم

ڪشمير کان وٺي ڪنيا ڪماريءَ ............................... ڪڏهن بہ وساري نہ سگهبو.

۱)

| پارت جا راڄيہ | | | |
|---|---|---|---|
| ڪشمير | | | |

۲) اولهہ بينگال ۾ درگا پوڄا وڏو راڄيہ اُتسو هوندو آهي..
برئڪيٽ مان مناسب لفظ ڪٽي گول پريو.
(گڻيش اُتسو، پونگل، نوراترا، ويساکي.)

۱) مهاراشٽر ۲) پنجاب ۳) تامل ناڊو ۴) گجرات

۳) هڪ سٽ ۾ جواب ڏيو.
(الف) ڏکڻ ڀارت ۾ ڪڇٽي ڪيئن ٺاهي ويندي آهي؟
(ب) 'ٺهري' نالي جي ڪڇٽي ٺاهيندڙ آستان لکو.

۴) ''سنڌين جي ڪڇٽي'' وشيہ تي پنهنجا ويچار لکو.

### ۲. جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| ۱) دال | سانبڙ |
| ۲) پالڪ | چمون |
| ۳) گلاب | پنير |
| ۴) ملائي | ماڪٽي |
| ۵) اِڊلي | ڪوفتا |

### ۳. گهر ۾ پنهنجي ماءُ کان هيٺيون شيون ٺاهڻ سِکو ۽ اُن جو طريقو لکو.

(۱) سيئل ڊبل روٽي / ڦُلڪا (۲) چاش ۾ بريڊ (۳) پڪوڙا

LNAUR1

# پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

## ١. اَ، ڪُ، بد، اڻ، غير

اِهي اکر اڳياڙين جي روپ ۾ ڪم آڻي ضد ناهي سگهبا آهن.

**ضد**

**مثال: 'اَ'**

| | | |
|---|---|---|
| سهڪار | - | اَسهڪار |
| سنتوش | - | اَسنتوش |
| ڏرم | - | اَڏرم |

**'ڪُ'**

| | | |
|---|---|---|
| سنگ | - | ڪُسنگ |
| روپ | - | ڪُروپ |
| نياءُ | - | ڪُنياءُ |

**'بد'**

| | | |
|---|---|---|
| نام | - | بدنام |
| فضيلت | - | بد فضيلت |
| نصيب | - | بدنصيب |

**مثال: 'اَ'**

| | | |
|---|---|---|
| ٺهڪندڙ | - | اَڻ ٺهڪندڙ |
| هوند | - | اَڻ هوند |
| وڻندڙ | - | اَڻ وڻندڙ |

**'غير'**

| | | |
|---|---|---|
| حاضر | - | غير حاضر |
| واجب | - | غير واجب |
| مناسب | - | غير مناسب |

**اَهڙي نموني هيٺين جا ضد لکو.**

| | |
|---|---|
| ٽيڪي ...... | ضروري ...... |
| واقف....... | سمرت ....... |
| دعا ......... | سنگ ........ |

## ٢. مثال موجب جوڙا ٺاهيو:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مثال: | اچڻ | وڃڻ | (٤) | اُٿڻ | |
| (١) | چڪڻ | | (٥) | روئارڻ | |
| (٢) | پڙڻ | | (٦) | کولهڻ | |
| (٣) | روئڻ | | (٧) | رُسڻ | |

## ٣. هيٺ برڪيٽ ۾ ڏنل مناسب چوڻي پهاڪو ڪم آڻي جملا پورا ڪريو:

(سنگ تاري ڪسنگ ٻوڙي، آهي نه عيد نه روزو، آه غريبان قهر خدائي، ڦڙي ڦڙي تلاءُ، ٻه نه ٻارهان.)

١) ڪنهن به غريب، لاچار کي ڪڏهن به ستائڻ نه گهرجي. چو نه چيو ويو آهي ------

٢) هر مهيني مان بئنڪ ۾ ڪجهه پئسا بچائيندو آهيان، سچ چيو ويو آهي ------


٣) رميش نه بچت ۾ وشواس نه ڪندو آهي. بس جيڪو ڪمائيندو آهي، يڪدم خرچ ڪري ڇڏيندو آهي، سچ چيو ويو آهي -----

٤) ڊاڪو رتناڪر سنتن جي صحبت ۾ رشي والميڪي بڻجي ويو، سچ چيو ويو آهي -----

# پُڻي جو سئر

ڏسو. ڄاچيو. چرچا ڪريو ۽ ٻڌايو.

پُڻي بابت ڄاڻ حاصل ڪري لکو.



# ۴. گيت

**ٻڌو. ڳايو.**

سانوڻ جي رت آئي، مستي ڇائي،
بوندو برسن بجليون ڪڙڪن،
ڪڪرن موج مچائي، مستي ڇائي.
ڌرتي جهومي، اَنبر جهومي، ڏار ڏار ۽ پن پن جهومي،
هير ٿڌيءَ جي جهونڪن آندي ڪڻ ڪڻ ۾ سرهائي.
مستي ڇائي.
مور نچي ٿو، ڊيل نچي ٿي، من جي چنچل ڪلي ٽڙي ٿي،
ڪنهن جي منڙيءَ ياد اچي آ، من جي مونجهه مٽائي.
مستي ڇائي.
ڪويل ڪو ڪو گيت ٻڌائي، پئنرو مکڙين کي جاڳائي،،
ٽارين گل جي چپن چمڻ لاءِ پنهنجي ڇيلهه جهڪائي.
مستي ڇائي.
تال نديون پرجي ويا سارا ڇوهه لهر جي ڪٽيا ڪنارا،
بند نه ڪن ٽاڪ ڪر تڏهن پيي - اڃا وسڻ جي وائي.
مستي ڇائي.
وهنجي هر شئه ڪئي صفائي ڌرتيءَ پاتي ساڙهي سائي،،
ڪارن ڪڪرن وسي وسي آهه، جڳه جي پياس ٻجهائي.
مستي ڇائي



## نوان لفظ:

| | | |
|---|---|---|
| رُتِ = مُندَ، | بَرسَن = وَسِن، | اَنبرُ = آسمان، |
| جهونڪِن = جهوبَن، | سَرهائي = خوشي، | چنچل = چلولي ، |
| وَهنجي = سنان ڪري، | پياسَ ٻُجهائڻ = اُڃ مِٽائڻ، | تالَ = تلاوَ |

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

۱) ساونڻ جي رُتِ ۾ ڪڪر ڪيئن موڄ مچائن ٿا؟

۲) برساتي مُند ۾ ڌرتي ۽ آڪاس ڇا ڪندا آهن؟

۳) شاعر هن گيت ۾ ڪڪرن جو ڪهڙو چِتر چٽيو آهي؟

**سوال ۲: هيٺين سوالن جا جواب تورين ۾ لکو.**

۱) ڪهڙا پکي ساونڻ جي مينهوڳيءَ ۾ ڪيئن موڄ مچائيندا آهن؟

۲) شاعر ’مستي ڇائي‘ ور ور ڪري ڇو لکيو آهي؟

**سوال ۳: بيت جي آڌار تي سٽون پوريون ڪريو.**

۱) جهوڙا جهُولِن ............................................................ مستي ڇائي.

۲) مورُ نچي ٿو ............................................................ مونجهه مِٽائي

۳) ڪوَيل ڪوُڪوُ........................................................... چيلهه جُهڪائي.

۴) وهنَجي هر شئِ ............................................................ پياسَ ٻُجهائي.

**سوال ۴: (الف) هن بيت مان ’ڇ‘ ۽ ’جهه‘ سان شروع ٿيندڙ تي تي لفظ ڳولهي لکو:**

**(ب) هن بيت مان ڪي ٻه پنج اهڙا لفظ ڳولهي لکو، جيڪي هنديءَ ۾ ٻه ڪتب ايندا آهن.**

**سوال ۵: خال ڀريو:**

۱) ...................... ڌَڌيءَ جي جهونڪن آندي ڪَڙَ ڪَڙَ ۾ سرهائي.

۲) ڪنهنجي .................. ياد اَچي آ، من جي مونجهه مٽائي.

۳) تال نديون ڀرجي ويا سارا، چوهَه لهر جي ڪَتِيا ...............

## پورڪ اَڀياس

**(۱) شعر بند تي عملي ڪم**

مور نچي ٿو .................................. اَچا وسڻ جي وائي.

**(i) مناسب جواب چوکنڊن ۾ لکو:-**

| | |
|---|---|
| | گيت ڳائي. |
| | نچي ٿو. |

**(ii) جوڙا ملايو:-**

| | |
|---|---|
| ۱) پوئنرا | نازڪ |
| ۲) نارين | ياد |
| ۳) ڪلي | مکڙيون |
| ۴) منڙي | چنچل |

**(iii) هيٺيان چؤڪنڊا پورا ڪريو:-**

برسات جا نظارا

(۲) ’جيڪڏهن برسات نہ پوي تہ‘ اِن وشيہ تي پنهنجا ويچار لکو:

(۳) اِنٽرنيٽ تي وچي ڄاڻ حاصل ڪريو تہ ڀارت وانگر ٻيا ڪهڙا ملڪ آهن، جتي برساتي مند هوندي آهي.

(۴) توهان کي ڏنل بيت جون ڪهڙيون سِٽون وڻيون ۽ ڇو؟

(۵) قدرت جي شين مان اَسانکي گهڻو ڪجهہ سِکڻ لاءِ ملي ٿو. مثال جيئن ڌرتي اَسان کي سهنشيلتا جو گڻ سيکاري ٿي. تيئن هيٺ ڏنل شيون ڇا سيکارين ٿيون. لکو.
(تارا، سج، پاڻي، ڪمل جو گل، ڏيئو، ميهندي، گُلاب جو گُل)

LNJQSN

# پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

## ١. هيٺيون ٽڪر پڙهي مشغوليون ڪريو:-

گهمڻ جو شوق مونکي ننڍي هوندي کان ئي آهي. البت اِها هڪ نرالي ڳالهه ته اڄڪلهه نوڪريءَ جي وقت ۾ پين مشغولين سبب اِن لاءِ وقت گهٽ ملندو آهي. هر روز صبح جو اٿڪل ساڍي ڇئين بجي اُٿندو آهيان. اِن جو اَصل ڪارڻ به اِسڪول واري زماني ۾ سُئر تي سوير نڪرڻ جي عادت آهي.

**١) ٽڪر مان لفظ ڳولهيو:**

١) وٿ جو ضد ..................................

٢) شام جو ضد ..................................

٣) 'جيتوڻيڪ' معنيٰ ڏيکاريندڙ ..................................

۴) 'لڳ ڀڳ' معنيٰ ڏيکاريندڙ ..................................

۵) عدد ڏيکاريندڙ لفظ ..................................

٦) 'غئر' جو هم آوازي لفظ ..................................

**(٢) ٽڪر تي آڌار رکندڙ ٢ سوال ٺاهيو:**

**(٣) 'منهنجو شونق' وشيه تي ڪجهه جملا لکو:**

## ٢. هيٺين جملن مان ليڪ ڏنل لفظ وياڪرڻ موجب سڃاڻو:

(الف) اَسان سُياڻي نئين ڪار خريد ڪنداسين.

(ب) پارت سُني راند ڪيڏي پر هوُ هارائجي ويو.

(ب) مونکي پياءُ لاءِ رکڙي گُهرجي.

(پ) شاباس! تو گهڻي محنت ڪئي آهي.

(پ) مان امتحان ۾ اَول ايندس.

## ٣. زير زبر پيشُ جي ڪري بدل سدل

مثال کي ڏيان ۾ رکي ہين لفظن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻه جملا لکو.

**مثال:** سر

(i) سِرُ: مان ديش لاءِ سِرُ ڏيندس

(ii) سِرَ: سِرون پتين ٺاهڻ ۾ ڪم ايندڀون آهن.

(iii) سُرُ: لتا منگيشڪر جو سُرُ ڪوئل وانگر مٺو آهي.

١) سڌ

٢) پٽ

٣) پٽ

۴) وٽ

۵) ڪٽ

٦) سڪ

# ٥. تعليم ئي سچي دولت آهي

**ٻُڌو. پڙهو ۽ سمجهو.**



هڪ راجا هو. راجا کي هميشه پرجا جو اونو هوندو هو. پرجا سکي ستابي هجي، اُن لاءِ هو بيحد يتن ڪندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اَڪيلو، جدا جدا ويس ڪري، رات جو گهمندو رهندو هو. اِن لاءِ تہ هو پاڻ پرجا جا ڏکہ - درد محسوس ڪري سگهي.

اِئين ئي هڪ ڏينهن، هڪ نئون ويس ڌاري راجا عوام جي جاچ ڪرڻ نڪتو. اِئين ڪندي ڪندي هو جهنگلن جي رستن وچي پهتو. اوچتو آسمان ۾ بادل ڇائنجي ويا. تيز طوفاني برسات پوڻ لڳي. ڏينهن جو ئي جڻ رات ٿي ويئي. راجا کي چڱيءَ طرح سان ڪجهہ بہ نظر نہ پيو اچي. ائين ڀٽڪندي ڀٽڪندي راجا جهنگل جي ٻاهرين حد تائين پهتو. بکہ اُڄ ۽ ٿڪاوٽ ڪري، هو هڪ وڻ هيٺان وينو. اُن وقت ئي ننڍڙا ٻار، اُتان لانگهائو ٿيا. راجا ٻارن کي سڏ ڪري چيو ”ٻارو، هت اَچو“ مون کي ڏاڍي بکہ لڳي آهي. ڇا توهان منهنجي مدد ڪري سگهو ٿا؟ هڪ ٻار چيو، ”ها، سائين، اَسان جو گهر ويجهو آهي، بس توهان ٿورو ترسو. اَسين اِجهو آياسين.“ ائين چئي ٽيئي ٻار ڊڪندا ويا ۽ جهٽ اُنهن راجا لاءِ کاڌو پاڻي آندو. راجا تمام خوش ٿي چيو، ”ٻارو، سچ پچ توهان اوکي مهل منهنجي مدد ڪئي آهي. مان راجا آهيان“ مان توهان تي فخر محسوس ڪيان ٿو.“ توهان جي اِن نيڪ ڪم لاءِ مان توهان کي اِنعام ڏيڻ چاهيان ٿو. ٻڌايو، توهان کي ڇا گُهرجي؟

ڪجهہ دير بعد هڪ ٻالڪ چيو، مون کي توهان وڏي زمين ڏيو.

سڀ ڪجھ ملندو.`` راجا جواب ڏنو.

ٻيو ٻار خوشيءَ مان چيو، ”واھ، پوءِ ته منھنجي مُراد به پوري ٿيندي. مان غريب آھيان. مونکي ڏن دولت گھرجي جئن مان سنو ڪائي سگھان، سُٺو پھري سگھان، خوب موج مستي ڪيان.`` راجا وراڻيو، ٻچڙا، مان توکي جام جام ڏن ڏيندس، ھاڻي ٽئين ٻالڪ جو وارو ھو. راجا ھُن کان پڇيو، گُھر، جيڪو گُھرڻو اَٿيئي.``

ٽئين ٻالڪ ورندي ڏيندي چيو، ”منھنجو سپنو آھي، مان خوب پڙھائي ڪيان ۽ اوچي تعليم حاصل ڪريان.`` راجا چيو، ”واھ! تنھنجي پڙھائيءَ جي پوري ذميواري منھنجي.`` اَھڙي نموني راجا پنھنجي ماڳا موٽيو. محلات ۾ وڃڻ شرط ٽنھي ٻارن جون گھرجون پوري ڪرڻ جو جوڳو بندوبست ڪيو.

ٽيون ٻار ڏينھن رات محنت ۾ لڳي ويو. وقت گذرندي ھوُ نوان نوان گرنٿ پڙھندي ھڪ برک ودوان بڻيو. راجا ٽئين ٻالڪ کي جو ھاڻي شاستر - اَرٿ ۾ ماھر ھو، پنھنجي راڄ ۾ منتريءَ جو پد ڏنو.

پھرين ٻالڪ جنھن گھر - زمينون ورتيون ھيون، ٻوڏ سبب سندس سڀ برباد ٿي ويو. ٻيون ٻالڪ، جنھن ڌن دولت حاصل ڪئي ھئي، ھن سڀ پئسو موج مستيءَ ۾ وڃائي ويئو. گھٽين پئسي سبب ھُن ۾ خراب عادتون گھر ڪري چڪيون ھيون، اَھڙو به وقت آيو، جو سڀ پيسا وڃائي واپس غريب ٿي ويو. ٻئي ٻالڪ ھاڻي راجا وٽ، پنھنجي دوست مطلب منتريءَ سان ملڻ آيا، اُداس ٿي منتريءَ کي چيايون: اَسان راجا کان اِنعام وٺڻ وقت عزيز پل ڪئي ھئي. اَسان وٽ گھر زمينون، پيسا ڪجھ به نه رھيو آھي. تڏھن منتري کين چيو، ”ڪنھن وٽ به ڌن دولت ھميشھ نه رھندو آھي. اِھو ته ايندو - ويندو رھندو آھي. صرف تعليم ئي آھي، جا اَسان وٽ دائما رھندي آھي تعليم ئي سچي دولت آھي.``

## نوان لفظ:

| | | |
|---|---|---|
| اونو = خيال، | يتن = ڪوشش، | مطابق = انوسار |
| عزيز = وڏي، | دائما = ھميشھ | |

## اَڀياس

**سوال ١: ھيٺين سوالن جا جواب ھڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) راجا کي ڪنھن جو اونو ھوندو ھو؟
٢) ٻارن راجا کي ڪھڙي مدد ڪئي؟
٣) پھرين ٻار راجا کان انعام ۾ ڇا گھريو؟

**سوال ٢: ھيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

١) پرجا کي سکيو ستابو رکڻ لاءِ راجا ڪھڙا يتن ڪندو ھو؟
٢) جھنگل ۾ راجا جي ڪھڙي حالت ھئي؟
٣) ٽيئن ٻار جو ڪھڙو سپنو ھو؟

**سوال ٣: (الف) ھيٺين جا ضد لکو.**

رات، ڏُک، راجا، نوڪر

(ب) ساڳي ۽ معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو..

| (الف) | (ب) |
|---|---|
| دولت | ٽاٽو |
| وقت | خواب |
| سپنو | ڏکي |
| اُداس | ڌن |

## پورڪ اَڀياس

### ٽڪر تي عملي ڪم

اِئين ئي هڪ ڏينهن ..................................... اِنعام ڏيڻ چاهيان ٿو.

(i) گولا پورا ڪريو:-

راجا

(ii) ’ڪنهن‘ ڪنهن کي، ڪالم پورا ڪريو:-

| | ڪنهن | ڪنهن کي |
|---|---|---|
| ١) اَسين اِجهو آياسين | | |
| ٢) مان راجا آهيان. | | |
| ٣) ٻارو هت اَچو. | | |
| ۴) توهان ٿورو ترسو. | | |

(iii) ٽڪر ۾ ’طوفاني‘ لفظ برسات سان ڪم آندل آهي. طوفاني سان ٺهڪندڙ لفظ گول مان چونڊي لکو:

١) طوفاني ..................................

٢) طوفاني ..................................

٣) طوفاني ..................................

۴) طوفاني ..................................

هوا، پهاڙ
رات، لهر، وڻ
متي، ڳرا

(iv) اَسان جو گهر ويجهو آهي.

جملي موجب خال ڀريو:-

| ضمير | اِسم | حرف جر | فعل |
|---|---|---|---|
| | | | |

LNTLUB

## وياڪرڻ

### حرف جر

**هيٺيان جُملا پڙهو:**

١) ڪتاب ٽيبل تي پيو آهي.  ٢) لفافو کيسي ۾ آهي.  ٣) ڇوڪرو مندر **ڏانهن** ويو.

٤) راجيش ماءُ ڪي پرڻام ڪيو.  ٥) راڻيءَ پتا لاءِ پاڻي آندو.

پهرئين جملي ۾ **’تي‘** لفظ ٽيبل ۽ ڪتاب جو لاڳاپو ڏيکاري ٿو. ٻئين جُملي ۾ **’۾‘** لفظ کيسي ۽ لفافي جو لاڳاپو ڏيکاري ٿو. ساڳئي نموني **’ڏانهن‘** لفظ ڇوڪري ۽ مندر، **’ڪي‘** لفظ راجيش ۽ ماءُ **’لاءِ‘** لفظ راڻيءَ ۽ پتا جو لاڳاپو ڏيکارين ٿا.

اِهي لفظ جيڪي اسم يا ضمير جي پٺيان اَچن ۽ انجو لاڳاپو ٻئي اسم يا ضمير سان ڏيکارين، اُنهن کي ’حرف جر‘ چئجي ٿو.

**هيٺين جملن مان حرف جر ڳولهيو:**

١) هرڪنهن لاءِ قرب ۽ همدرديءَ جي ڀاونا رکجي.  ٢) رميش ڪالهه ممبئي مان آيو.

٣) منهنجي مامي وٽ وڏي لئبرري آهي.  ٤) اَسانجي اِسڪول ۾ ساليانو جلسو ملهايو ويو.

٥) سڀ سونا سِڪا زمين تي ڪِري پيا.

## پاڙ ڪريان - پاڙ سکان



### خط

١. پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي اِمتحان ۾ پهريون نمبر اَچڻ تي واڌايون ڏيندي خط لکو.

٢. پنهنجي اِسڪول جي  ساليانې جلسي ۾ ڀهرو وٺڻ لاءِ هيڊ ماسٽر کي خط لکو.

٣. ميونسپل واسطيدار عملدار کي پنهنجي ايراضيءَ ۾ وڻ پوکائڻ لاءِ عرض ڪندي خط لکو.

٤. توهانجي وارڊ جي نگرسيوڪ کي پاڻيءَ جي اَڻاٺ دور ڪرڻ لاءِ خط لکو.

### آکاڻي

١. ڏنل شروعات مان آکاڻي پوري ڪريو:-

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي. سيما ۽ ريما ٻئي ساهيڙيون گڏجي ميلي ۾ گهمڻ وييون..............

٢. ڏنل لفظن مان آکاڻي ٺاهي لکو.

ڏرمو، ڪُتو، چور، بچائڻ.

٣. ڏِڃن مان آکاڻي ٺاهي لکو:-

ٻه ٻليون - مناڻي - باندر - تارازي - باندر جو مناڻي کائڻ - نصيحت - سِرو



### گفتگو

١. ٽرين ۾ مسافري ڪرڻ وارن ٻن مسافرن وچ۾ گفتگو لکو.

٢. پاڻيءَ جي بچت لاءِ ٻن دوستن يا ساهيڙن جي وچ۾ گفتگو لکو.

٣. هوا ۽ پاڻيءَ وچ۾ گفتگو لکو.

# ٦. سچو ڌرم

ٻڌو. پڙهو ۽ سمجهو.



بزرگن جي چوڻي آهي تہ پاڙو اَبو اَمڙ ٿيندو آهي. مٺن - مائٽن کان وڌيڪ پاڙيسري مددگار ثابت ٿيندا آهن. پر پريم نگر ۾ رهندڙ سرواند شاستري ۽ موُلانا محمد علي اِن چوڻي جي اُبتڙ ئي ڪم ڪري رهيا هئا. ٻنهي جا گهر هڪ ٻئي جي سامهون هئا. هو جڏهن بہ هڪ ٻئي جي سامهون اَچي ويندا هئا تہ هڪ ٻئي کان مُنهن ڦيري اَهڙي ريت هليا ويندا هئا جو سندن چهرن مان ڌرمي ۽ مذهبي ڪٽرپڻو لڪي نہ سگهندو هو.

ٻئي طرف ٻنهي جي ٻارن ۾ پاڻ دوستي هئي. هو مائٽن کان لڪي لڪي پاڻ ۾ گڏجي راند - روُند ڪندا هئا. هڪ ڏينهن پر واري باغ ۾ شاستريءَ جي پندرهن ورهين جي نرملا اُباڻڪي ويٺي هئي تہ موُلانا محمد عليءَ جو ڏهن ورهين جو پٽ رحيم آيو. پنيان اَچي نرملا جون اکيون هٿن سان بند ڪيون تہ سندس هٿ آلا ٿي ويا ۽ هو وائڙو ٿي ويو. ”ديدي! چا تون روئي رهي آهين؟“

”رحيم، اَڄ ’رکشا ٻنڌن‘ جو ڏڻ آهي!“

”تہ چا، رکشا ٻنڌن ڏينهن ڇوڪريون روئنديون آهن؟“

”نہ، رکشا ٻنڌن تي ڀينر، پنهنجي ڀائرن کي رکڙي ٻڌنديون آهن. پر مونکي تہ ڪو ڀاءُ ڪونهي! اِن ڪري اَکين ۾ پاڻي ٿو اَچي. من بہ اُداس ٿئي پيو!“

”ديدي، تون مونکي ئي پنهنجو ڀاءُ سمجهہ.“

نرملا جي اُداسي پَر ڪري اُڏامي وئي ۽ سندس اکين ۾ عجيب خوشيءَ جي چمڪ اچي وئي. نرملا

هڪدم، رحيم کي رڪڙي ٻڌي ڇڏي. ”اَڄ کان تون ئي منهنجو ڀاءُ آهين، توکي ئي منهنجي رکشا ڪرڻي پوندي.“

”ديدي، مان تہ اَڃا ننڍڙو آهيان.“ رحيم ڪلندي چيو، ”تون وڏي آهين. پاڻ توکي ئي منهنجي رکشا ڪرڻي پوندي.“

نرملا ۽ رحيم جي ٺهڪڙن سان ماحول ۾ پوترتا جي سڳنڌ پکڙجي ويئي.

هڪ ڏينهن رحيم پنهنجي هم ڪِلاسين سان گڏ، اِسڪول وڃڻ لاءِ پل پار ڪري رهيو هو جو، هڪ شيطان ڇوڪري کيس ڌڪو ڏنو ۽ رحيم نديءَ ۾ ڪري پيو. ٻين ڇوڪرن واڪا ڪرڻ شروع ڪيا. ”بچايو بچايو... رحيم کي بچايو. هو نديءَ ۾ ٻڏي رهيو آهي. پر ڪنهن بہ کي نديءَ ۾ ٽپو ڏيڻ جي همٿ ڪونہ ٿي. اُن وقت نرملا، بہ پنهنجي ساهيڙين سان پُل تان لنگهي تہ ڪَنَ تي آواز پيس. هن ڏٺو تہ رحيم غوطا کائي رهيو هو. کيس ترڻ ڪونہ ٿي آيو. ڪنارو پري ڪونہ هو. نرملا هڪدم نديءَ ۾ ٽپو ڏنو ۽ گهڻي جفاڪشي ڪري رحيم کي ڪناري تائين گهلي آئي.

ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اِسڪول ڪونہ ويا ۽ رحيم کي اسپتال کڻي ويا. نرملا ڊاڪٽر کي چيو - ”هي رحيم آهي. منهنجو ننڍڙو ڀاءُ. مان پريم نگر ۾ رهندي آهيان. رحيم جي بابا جو نالو موّلانا محمد علي آهي. مان توهانکي اَڊريس ٿي ڏيان - کيس اطلاع ڏيئي گهرائي وٺو!“

رحيم جي پيٽ ۾ پاڻي ڀرجي ويو هو. ڊاڪٽر سندس پيٽ مان پاڻي ٻاهر ڪڍيو. رحيم جو بابو موّلانا محمد علي اِسپتال ۾ پهچي ويو. ايتري ۾ نرملا جو پتا سرواننڊ شاستري بہ اُتي اَچي پهتو. موّلانا جي پُٽ رحيم کي نرملا بچايو هو. اِهو ٻڌي موّلانا جي من مان مذهبي ڪٽرپڻو اُڏامي ويو ۽ نرملا کي ڀاڪر پائي شاباسي ڏنائينس. شاستري ۽ موّلانا جي اکين ۾ آنسون تري آيا. هڪ ٻئي کي چيائون، ”انسانيت ئي سڀ کان وڏو ۽ سچو ڌرم آهي!“

**نوان لفظ:**

| | |
|---|---|
| اُپاڙڪي = اَڪيلي | غوطا کائڻ = ٽٻيون هڻڻ |
| جفاڪشي = ڪشمڪش | اِطلاح ڏيڻ = ڄاڻ ڏيڻ |

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

۱) ٻزرگن جي ڪهڙي ڇوٽي آهي؟
۲) سرواننڊ شاستري ۽ موّلانا هڪ ٻئي کان منهن ڦيري ڇو هلندا هئا؟
۳) رحيم ۽ نرملا جو پاڻ ۾ ڪهڙو ناتو هو؟

**سوال ۲: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

۱) باغ ۾ نرملا اُپاڙڪي ٿي ڇو ويني هُئي؟
۲) رحيم نديءَ ۾ ڪيئن ڪري پيو؟
۳) نرملا رحيم کي ڪيئن بچايو؟
۴) موّلانا محمد جو مذهبي ڪٽرپڻو ڪيئن اُڏامي ويو؟

**سوال ۳: هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

غوطا کائڻ، ٽِپي پوڻ، اِطلاح ڏيڻ، جفاڪشي ڪرڻ.

**سوال۴: هيٺيان جُملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن؟**

۱) ”اَڄ رڪشاٻنڌن جو ڏڻ آهي.“

۲) ”مان ته اَڃا ننڍڙو آهيان.“

۳) ”مان پريم نگر ۾ رهندي آهيان.“

۴) ”اِنسانيت ئي سڀ کان وڏو ۽ سچو ڌرم آهي.“

**سوال۵: هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

اُبتڙ، دوستي، پنيان، اُداس، ڌرمي.

**سوال۶: هيٺين لفظن جون صفتون لکو.**

پوتر، اُپاڙڪائي، مدد، عجب

---

## پورڪ اَڀياس

### ۱) تڪر تي عملي ڪم

بزرگن جي چوٽي آهي ........................................... ڪترپٽو لڪي نه سِگهندو آهي.

**(i) ’مٽ مائٽ‘ هڪ مرڪب لفظ آهي. هيٺ ڏنل چوڪنڊي مان مناسب لفظ چونڊي مرڪب لفظ پورا ڪريو:-**

پڇ، پار، واڌ، پاڙو، حواس

| | |
|---|---|
| هوش | |
| ساڙ | |
| ڪوٽ | |
| آر | |

**(ii) ڏنل هدايت پڙهي جملا وري لکو**

۱) بزرگن جي چوٽي آهي (ليڪ ڏنل لفظ بدران مناسب لفظ ڪم آڻيو.)

۲) ٻنهي جا گهر هڪ ٻئي جي سامهون هئا (جملي ۾ ’لڳ ٻڳ‘ لفظ ڪم آڻيو.)

۳) پاڙو اَبو اَمڙ ٿيندو آهي (جملو ’اِهو سچ آهي‘ سان شروع ڪريو.)

۴) مٽن مائٽن کان پاريسڙي وڌيڪ مددگار ثابت ٿيندا آهن.
(جملي کي عدد واحد (Singular) ۾ بدلايو.)

**(iii) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو:**

۱) نگر جو نالو

۲) پريم جو ساڳيءَ معنيٰ وارو لفظ

۳) گهٽ جو ضد

LHTDNG

# ٧. منهنجو وطن

**پڙهو. ڳايو.**

هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.
مصريءَ کان مٺيرو، ماکيءَ کان مٺيرو،
قربان تنهن وطن تان ڪريان پنهنجو تن بدن
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.

پنهنجي وطن جي آءٌ جي حالت ڪريان بيان،
سڏڪي پوي زمين هنجون هاري آسمان،
دکڙا وطن جا ساريندي، منهنجو ڇلي ٿو من،
هي منهنجو وطن، هي منهنجو وطن، منهنجو وطن.

منڙي وطن کان آءٌ رکي ڪي به نه واريان
جيڪي هجيم ڏيئي وري ڪين پڇاريان.
دل ۾ هميشهه شال رهي، ديش جي لڱن.
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.

جي چاه اٿم ڪا ته وطن شاد ڏسان مان،
آزاد ڏسان مان، وري آباد ڏسان مان،
متي اُنهيءَ ۾ آهه، دکايل جي دل مڳن،
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.

**نوان لفظ:**

هنجون هارڻ = زور سان روئڻ، سڏڪي پوڻ = روئي پوڻ

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) ڏڪايل جي دل ڪهڙي ڳالهه ۾ مگن آهي؟
٢) ”منهنجو وطن“ ۾ شاعر ڪهڙي دلي چاهنا ڏيکاري آهي؟
٣) ڏڪايل پنهنجي وطن لاءِ ڪهڙي قرباني تو ڏيڻ چاهي؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا تورين ۾ جواب لکو.**

١) منهنجو وطن ڪوتا، اجوڪي دور ۾ ڪهڙي اهميت رکي ٿي؟
٢) شاعر جو من ڇو ٿو جُهلي؟

**سوال ٣: خال ڀريو :-**

١) دل ۾ هميشه شاد رهي .................. جي لگن.
٢) .................. ڀوي زمين، هنجون هاري آسمان

**سوال ٤: هيٺ ڏنل بيت جي سٽن جي سمجهاڻي لکو:**

منڙي وطن ڪان آءُ رکي .......................................... منهنجو وطن، منهنجو وطن.

## پورڪ اَڀياس

**شعر بند تي عملي ڪم:**

(١) پنهنجي وطن جي آءُ .............. ديش جي لگن.


**(i) هيٺ ڏنل جملن سان لاڳاپو رکندڙ سٽون ڳولهي لکو:-**

١) ڌرتي روئي ڀوي.
٢) وطن جون تڪليفون ٻڌايان.

**(ii) بيت جي سٽن تي آڌار رکندڙ صحيح جملي لاءِ ✓ ۽ غلط جملي لاءِ ✗ لکو:**

١) آسمان زار زار روئي ٿو. (                )
٢) ديش ۾ دکه درد آهن. (                )
٣) ديش ڪافي ترقي ڪئي آهي. (                )
٤) هميشه مان ديش بابت ٿي سوچيان. (                )

**(iii) خاڪو پورو ڪريو.**



(٢) ڏنگين مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو:-

(اُٽٽيهہ، ست، ڀارت، مالها، ايڪتا، اَنيڪتا، گلن، ناز، لوڪشاهي)

منهنجو نالو .................... آهي. منهنجي ديش جو نالو ................ آهي. مونکي پنهنجي ديش تي ............. آهي. جدا جدا ڌرم، جدا جدا جاتيون، هت هڪ ............... ۾ ............ وانگر پرويل آهن. دنيا جي وڏي ۾ وڏي ............ اَسان جو ڀارت ديش آهي. ڪل ............ راجيہ ۽ ................ مرڪزي ايراضيون ڀارت جي ............. ۾ ............. درشائن ٿيون.

(٣) ڏنل مٿيون ٽڪر خال ڀري، سڄو وري لکي اُن تي ڇهہ سوال ٺاهيو.

(٤) هيٺين سنڌي سوروِيرن بابت نيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪريو ۽ ڪلاس ۾ ٻڌايو.



برگيڊيئر شري رام هيرا



اَڊمرل آر. ايڇ. ٿڌلياڻي



شري پريم رامچنداڻي

(٥) هيٺين ڏڻن بابت چرچا ڪريو. ٻڌايو ۽ ڄاڻ لکو.



هولي



رکشا ٻنڌن



پونگل



گڻيش اُتسو

# وياڪرڻ

## حرف جُملو

**هيٺيان جُملا پڙهو.**

١) اَسين مهابليشور ۾ لوناولا گُهمڻ وياسين.
٢) ڊاڪٽر دوا ڏني **پر** فائدو نہ ٿيو.
٣) منوج کي امتحان ۾ سُٺيوُن مارڪوُن نہ مليوُن **ڇو تہ** هُن اَڀياس گهٽ ڪيو.
٤) ستون رانديگر موهن **يا** سوهن ٿيندو.

متين جُملن ۾ 'ءِ'، 'پر'، 'ڇو تہ' ۽ 'يا' لفظ ٻن لفظن يا ٻن جُملن کي ڳنڍين ٿا. اَهڙن ڳنڍيندڙ لفظن کي 'حرف جملو' چئجي ٿو.

اُن جا ٻيا مثال آهن: **نہ تہ، اِن ڪري، تنهن ڪري، چڻ**

**هيٺين جملن مان حرف جُملو ڳولهيو:**

١) مان ۽ مالها مندر ۾ وياسين.
٢) گوپال موٽي آيو پر راڌا اُتي رهجي ويئي.
٣) سرلا پاٺ پڙهندي يا گوبند گيت ڳائيندو.
٤) برسات تيز پوڻ لڳي. اِنڪري هوءَ دير سان پهتي.
٥) تون هل نہ تہ مان هلي ويندس.

## پاڙ ڪريان - پاڙ سڪان

• برئڪيٽ ۾ ڏنل لفظ جي معنيٰ وارو لفظ ٺاهڻ لاءِ گول ۾ مناسب اَکر وجهي لفظ ٺاهيو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ب | | | | | (طاقت) |
| | ڪ | | | | (خاطري) |
| ن | | | | | (آسمان) |
| و | ق | | | | (ٺاڪو) |
| | و | د | | | (پاڙ) |
| س | آ | | | | (ساراهہ) |
| و | هہ | | | | (سنسا) |
| ح | يِ | | ت | | (عجب) |
| ت | ڪ | ل | ي | | (مصيبت) |
| ف | آ | ئـ | د | | (نفعو) |

# ٨. هميشھ سٺو سوچجي

## پڙهو ۽ سمجهو.



ڪنهن شهر ۾ هڪ سيٺ رهندو هو. سيٺ گهنشامداس هڪ وڏي فئڪٽريءَ جو مالڪ هو. فئڪٽريءَ ۾ سيني ڪم ڪندڙن سان سيٺ جو سدا سٺو وهنوار هوندو هو. فئڪٽريءَ جي مئنيجر همانشوءَ تي سيٺ جو اَڻوٽ ڀروسو هو. همانشو پنهنجو ڪم تمام ايمانداري ۽ اَورچائيءَ سان ڪندو هو. سيٺ جي غير - حاضريءَ ۾ هڪ هڪ ڳالھ جو نبيرو پنهنجي جوابداري سمجهي پورو ڪندو هو. خاص ڳالھ اِها هئي تھ هو ڪڏهن بھ موڪل نھ وٺندو هو. اِنهن خوبين ڪري، هن سيٺ جي دل ۾ هڪ پختي جڳھ پاتي هئي.

هڪ دفعي قصو اِئين ٿيو، جو همانشو فئڪٽريءَ تي نھ آيو. سيٺ ذرا پريشان ٿيو. همانشوءَ جي غير حاضري ڪجھ ڏينهن هلي. سيٺ جي من ۾ خيال آيو، ”شايد مان همانشوءَ جي پگهار نھ وڌائي آهي، اِن ڪري هو غير حاضر رهي اَڻ سڌي نموني اِشارو ڏيئي رهيو آهي.“ جڏهن همانشو فئڪٽري تي حاضر رهيو تھ سيٺ بنا ڪارڻ پڇندي کيس سڏي چيو، ”همانشو، هن مهني کان تنهنجي پگهار ۾ ڏهھ سيڪڙو اضافو ٿيندو.“ همانشو موٽ ۾ فقط مشڪيو ۽ پنهنجي ڪم تي لڳي ويو. اِئين وقت جي رفتار هلندي رهي. پر ڪجھ ڏينهن بعد همانشو وري ٿورا ڏينهن فئڪٽريءَ تي نھ آيو. هاڻ تھ سيٺ ڏمرجي ويو. من ۾ سوچيائين تھ زوريءَ غيرحاضر رهي، همانشو پگهار وڌائڻ ٿو چاهي. جڏهن همانشو نوڪري تي واپس آيو تھ سيٺ کيس گهرائي چيو، هن مهني کان

تنهنجي پگهار ڏهہ سيڪڙو گهٽ ٿيندي.`` هماشو ڪنهن بہ قسم جو رد عمل نہ ڏنو ۽ شانت من سان پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو. هماشوءَ جي اِن وهنوار سيٺ کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. پگهار وڌڻ وقت بہ هماشو سانت هو ۽ پگهار گهٽجڻ وقت بہ هو شانت آهي. اِهي ويچار سيٺ کي ستائڻ لڳا. يڪدم هماشو کي سڏائي چيو، ”هماشو، ڪهڙي ڳالهہ آهي، پگهار ۾ واڌ وقت بہ تون چُپ هئين، هاڻي پگهار ۾ ڪات ڪانپوءِ بہ تون چپ آهين؛ اِئين ڇو؟``

هماشو مشڪندي وراڻيو ”سيٺ جي، در حقيقت پهريون دفعو جڏهن مان غير - حاضر هوس، اُن وقت مونکي ڌيءُ ڄائي هئي، جڏهن توهان منهنجي پگهار وڌائي تہ مون سوچيو تہ اِها واڌ منهنجي ڌيءُ ڪري آهي. ٻئي دفعي مان پنهنجي ماءُ جي ديهانت سبب غير حاضر هوس، اُن وقت توهان منهنجي پگهار گهٽائي ڇڏي. مونکي لڳو تہ هاڻ منهنجي ماتا هن سنسار ۾ نہ آهي، اِنڪري منهنجي پگهار گهٽجي آهي. هماشوءَ جو اِهو جواب ٻڌي سيٺ گد گد ٿي ڪيس چيو، ”واهہ! مان تنهنجي اِن شفي ويچار ڌارا تي مُغتون آهيان. جنهن فئڪٽري ۾ تو جهڙا واڌو ويچار رکندڙ آهن، اُها فئڪٽري ڪڏهن بہ ٽوٽي ۾ نہ ويندي.` هاڻ تہ مان تنهنجي پگهار ٻيڻي ڪري رهيو آهيان. تنهنجي ايمانداري، تنهنجي اُورچائي ۽ اِها سوچ تنهنجا رتن آهن.

## نوان لفظ:

| | | |
|---|---|---|
| نپٽارو = نبيرو | حيرت ۾ وجهڻ = عجب ۾ وجهڻ | اِظافو = واڌ |
| گد گد ٿيڻ = خوش ٿيڻ | مُغتون = موهت | ٽوٽو = نقصان |
| ڌمر جي وچڙ = ڪاوڙجڻ | پيروسو = وشواس | |

## اَڀياس

**سوال ا: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

ا) هِماشو پنهنجو ڪم ڪيئن ڪندو هو؟
٢) سيٺ پريشان ڇو ٿيو؟
٣) هِماشوءَ جي ڪهڙي وهنوار سيٺ کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو؟
۴) واڌو ويچار هئڻ ڪري هِماشوءَ کي ڪهڙو فائدو ٿيو؟

**سوال ا: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

ا) سيٺ جي دل ۾ هِماشوءَ لاءِ هڪ پختي ڄڀهہ ڇو هئي؟
٢) سيٺ ڇا سوچي هماشوءَ جي پگهار وڌائي؟
٣) هماشو پگهار وڌائڻ ۽ گهٽائڻ وقت چُپ رهڻ جو ڪهڙو ڪارڻ ٻڌايو؟
۴) اَسان کي هميشهہ واڌو ويچار رکڻ گهرجن. سمجهايو.

**سوال٣: هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن؟**

ا) ”اِها واڌ، منهنجي ڌيءُ ڪري آهي.``
٢) ”هو غير حاضر رهي، اَڻ سڌي نموني اِشارو ڏيئي رهيو آهي.``
٣) ”واهہ! مان تنهنجي اِن شفي ويچار ڌارا تي مغتون آهيان.``

**سوال۴: هيٺين ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو:-**

| الف | ب |
|---|---|
| ١) خوبيون | نقصان |
| ٢) مغتون | ڳُڻ |
| ٣) ڀروسو | موهت |
| ۴) ٽوٽي | وشواس |

**سوال۵: هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

نپٽارو ڪرڻ، حيرت ۾ وجهڻ، گڏ گڏ ٿيڻ، اِظافو ٿيڻ، ڏمرجي وڃڻ

**سوال٦: هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

حاضر، خوبيون، ايمانداري، شانت

## ڀورڪ اَڀياس

**(١) ٽڪر تي عملي ڪم:**

همانشو مشڪندي وراڻيو ------------------------------------ ٽنهنجا رتن آهن.


**(i) برئڪيٽ مان لفظ چونڊي جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظ بدلائي جملا وري لکو:**
**(جواب ڏنو، نقصان، امڙ، دنيا)**

١) ڀنهنجي ماءُ جي ديهانت سبب غيرحاضر هوس.
٢) ماتا هن سنسار ۾ نه آهي.
٣) اُها فئڪٽري ڪڏهن به ٽوٽي ۾ نه ويندي.
۴) همانشو مشڪندي وراڻيو.

**(ii)**

| پهريون دفعو | غيرحاضريءَ جو سبب | ٻيو دفعو |
|---|---|---|
| | | |

(iii) ٽڪنڊو پورو ڪريو:-




(٢) هيٺ ڏنل جملن لاءِ شفي ويچار ڏارا لاءِ ✓ ۽ نفي ويچار ڏارا لاءِ ✗ اِستعمال ڪريو:-

| جملو | شفي | نفي |
|---|---|---|
| ١) راجيش چيو، ”هي چا ڪامياب ٿيندو؟“ | | |
| ٢) سنيتا چيو، ”جيت منهنجي اوس ٿيندي.“ | | |
| ٣) هريش چيو، ”گاڏي تہ گسي ئي ويندي.“ | | |
| ٤) ريشما چيو ”ڪوشش ڪرڻ وارا هارائيندا نہ آهن.“ | | |

---

## وياڪرڻ

### حرف ندا

**هيٺيان جملا پڙهو:**

١) **مارا!** اَڄ اَسان هڪ گول سان هارائجي وياسين.
٢) **اَها!** اَڄ اَسين بيحد خوش آهيون.
٣) **هاءِ هاءِ!** ويچاريءَ جو گهر سڙي ويو.
٤) **شل!** پرماتما توتي ديا ڪري.
٥) **واه!** اڄ تو ڪهڙو نہ بهادريءَ جو ڪم ڪيو آهي.

متين لفظن ۾ **’مار‘، ’اَها‘، ’هاءِ هاءِ‘، ’شل‘ ۽ ’واه‘** لفظ جملي ۾ الڳ بيٺل آهن ۽ اِهي لفظ خوشي، افسوس، خواهش، ۽ عجب ظاهر ڪرڻ ۾ ڪم ايندا آهن، اِنهن کي حرف ندا چئبو آهي. ندا معني سڏ يا دانهن.

**هيٺين جملن مان حرف ندا ڳولهيو:**

١) اَفسوس! هي چا ٿي ويو.
٢) اَڙي! هي چا پيو ڪرين.
٣) ڪمال آ! هي ڪهڙو سنگنن آهي.
٤) مارا! راجيش ڪري پيو.
٥) شاباش! تمام سني ڳالهہ ٻڌائي اَٿيئي.

LXC5RR

# پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

ڏسو. جاچيو. چرچا ڪريو. ٻڌايو.

۱. پاڻي









۲. راڌا (زيتون وڪڻڻ واريءَ جي ڌيءُ)









هدايت:- ماستر شاگردن کان چترن بابت چرچا ڪرائي سوالُ پڇي پنهنجا ويچار / رايا ٻڌائڻ لاءِ چوي.
مثال ’پاڻيءَ جي حالت / بچت بابت.
(۲) راڌا بابت ويچار / توهين راڌا جي جڳهه تي هجو تہ ... وغيره.

# ٩. پنجَڪڙا

## پڙهو، سمجهو ۽ ڳايو.




لڳايون گَهر گَهر ۾ اَج باغَ،
وڌايون ميون ڀاڄين کي،
گهٽايون اَنَ جي گُهرجُن کي؛
مِٽايون محتاجيءَ جا داغ،
لڳايون گَهر گَهر ۾ اَڄُ باغ.



صفائيِ سيوا هِڪُ وردانُ؛
نہ ڏِسجَنِ ڪِچرنِ جاڪِتِ ڍير،
بِيماريون پَويان ڪنديوُن پير؛
هوا، جَلُ شُدِ، بَدَنُ ٻَلوانُ،
صفائي سيوا هڪ وَرِدانُ.



ٻَچايون ڏيءُ، پڙهايون ڌيءُ،
سنڀالي وڌندي گَهرُ سنسارُ؛
جڳت تي پوندو باغ بَهارُ؛
سڀيئي چوندس 'جڳُ جڳُ جيءُ'،
ٻچايون ڏيءُ، پڙهايون ڌيءُ.



بچايون اَڄُ بِجلي ۽ پاڻي،
ضرورت سڀ کي جن جي آهہ،
جِيوُن سڀ هِڪِ ٻئي جي لاءِ،
هندايون وڏڙن جي واٽي،
بچايون اَج بِجلي ۽ پاڻي.

**نوان لفظ:**

مِتايون = دور ڪريون، | محتاجي = موتاجي، | وردان = ذات
پير ڪرڻ = پٺتي موٽڻ، | جڳت = سنسار، | باغ بهار ٿيڻ =خوش ٿيڻ،
جُڳ جُڳ جِيئڻ = سدا سلامت رهڻ.

## اَڀياس

**سوال ا: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

ا. ميوا پاچيون وڌائڻ لاءِ ڇا ڪَرڻ گهرجي؟
٢. بيماريون پويان پير ڪڏهن ڪنديون؟
٣. بدن ٻلوان رکڻ لاءِ ڇا ضروري آهي؟
۴. جڳت باغ بهارُ ڪڏهن ٿي سگهندو؟

**سوال٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

ا. شاعر باغ لڳائڻ لاءِ ڇو ٿو چوي؟
٢. صفائيءَ کي وردان ڪيئن ثابت ڪري سگهبو؟
٣. ڌيئرن کي بچائڻ ۽ پڙهائڻ ڇو ضروري آهي؟

**سوال٣: بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو:**

ا. وڌايون ............................................................................ گهُرجُن کي.
٢. هِوا، جل ............................................................................ هڪ وردانُ.
٣. سنڀالي وٺندي ............................................................................ باغ بَهارُ.

**سوال۴: بيت جي آڌار تي خال ڀريو:**

ا. مٽايون ............... جا داغ.
٢. ............... پويان ڪنديون پيرَ
٣. بچايون ڌيءُ، پڙهايون ............... .

**سوال۵: ڏنل لفظن جا هم آوازي لفظ ڳولهي لکو:**

ا. لڳايون، باغ، وردانُ، ڏير، سنسار.
٢. ’س‘ سان شروع ٿيندڙ تي لفظ ڳولهي لکو.

## پورڪ اَڀياس

**(ا) شعر - بند تي عملي ڪم:**

صفائي سيوا هڪ وردان ........................................................ بچايون ڌيءُ، پڙهايون ڌيءُ.

**(i) هيٺ ڏنل سٽن جو نثري روپ لکو :-**

ا) بيماريون پويان ڪنديون پير
٢) جڳت تي پوندو باغ بهار

(ii) ’’صفائي سيوا هڪ وردان‘‘ بابت پنهنجا ويچار لکو.

(iii) ’وردان‘ لفظ جا اَکر ڪم آڻي نوان لفظ ٺاهيو

۱) ---------- (پُڇ سان لاڳاپو رکندڙ)

۲) ---------- (دروازو)

۳) ---------- (گهوٽ)

۴) ---------- (مٽي تي موجود)

(iv) ’بچايون ڌيءُ، پڙهايون ڌيءُ.‘

جو آڌار وٺي هيٺ ڏنل جملن لاءِ برئڪيٽ ۾ صحيح / غلط لکو

۱) ڌيءُ گهر سنسار سنڀاليندي آهي. (            )

۲) ڌيءَ هڪ بوجهه آهي. (            )

۳) ڌيءَ جمڻ تي، خوشيون منائڻ گهرجن. (            )


۴) ڌيءَ پڙهائڻ سان تعليم جو ڦهلاءُ ٿئي ٿو. (            )

(۲) بَيٽي بچائو بيٽي پڙهائو‘ ڪاريڪرم هيٺ سرڪار پاران ڌيئرن لاءِ ڪهڙيون سهوليتون ميسر ڪيون ويون آهن. نيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

(۳) ’’وڻن مان فائدا‘‘ اِن وشيہ تي مضمون لکو.


(۴) چٽر ڏسو. جاچيو. چرچا ڪريو ۽ ٻڌايو تہ صحيح آهن يا غلط:-

چٽر ۾ ڏنل چوڪنڊي ۾ ✓ يا ✕ لکو.



# ١٠. اَڪبر بيربل

پڙهو. پڙهو ۽ سمجهو.



هڪ دفعي اَڪبر بادشاهه جي دربار ۾ هڪ شخص آيو. اَڪبر بادشاهه جي اڳيان هن هڪ شرط رکيو ”توهان جي دربار مان ڪير به منهنجي ماترڀاشا کي سڃاڻي، نه ته توهان قبول ڪيو ته توهان جي دربار ۾ سڀ بيوقوف آهن.“

درٻارين هن کان الڳ الڳ ٻولين ۾ سوال ڪيا. هن هر ڪنهن جا هر ٻوليءَ ۾ جواب ڏنا. هو هر ڀاشا ۾ اَهڙي نموني ڳالهائي رهيو هو ڄڻ ته اُهائي هن جي ماترڀاشا هجي.

آخر ۾ هن اَڪبر بادشاهه کي چيو ”مان توهانکي پنهنجي ماترڀاشا سڃاڻڻ لاءِ هڪ هفتي جو وقت ڏيان ٿو. ٻڌايو منظور اَٿو؟“ اَڪبر بادشاهه بيربل ڏانهن اِشارو ڪيو. جنهن ڪنڌ لوڏي ها ڪئي. اَڪبر بادشاهه اُن شخص کي چيو، ”تنهنجو شرط منظور آهي.“

پرديسي شخص کي محلات ۾ هڪ ڪمري ۾ رهايو ويو. رات جي وقت جڏهن هو گهري ننڊ ۾ سمهيو پيو هو ته بيربل هن جي ڪمري ۾ آيو ۽ هن هِڪُ ڪَکُ ڪڻي هن جي ڪن ۾ گهمايو. شخص پنهنجو پاسو ورائي ۽ ڪن کي مهٽي وري سمهي پيو. بيربل وري ٻيو دفعو ساڳئي حرڪت ڪري لڪي بيٺو.

”اَڙي! ڪير آهي مونکي ننڊ ۾ پريشان ڪري رهيو آهي؟“ اِئين چئي سمهي پيو.

پورن ستن ڏينهن ڪانپوءِ شخص دربار ۾ حاضر ٿيو. بيربل الله الله ٻولين ۾ هن سان ڳالهايو. آخر ۾ هن چيو ”جهان پناهه هن جي ماترياشا سنڌي آهي.“ اِهو ٻڌي شخص حيران ٿي ويو.

اڄ پهريون دفعو ڪوئي هنجي ماترياشا سڃاڻي سگهيو آهي هن بيبرل جي ڏاڍي ساراهه ڪئي ۽ چيو ”ڏنيه آهي پارت ورش، جتي تو جهڙا عقلمند رهندا آهن.“

هن جي وڃڻ ڪانپوءِ اَڪبر بيربل کان پڇيو ”بيربل تو اَهڙو ڏکيو ڪم ڪيئن ڪيو؟“

بيربل چيو، ”جهان پناهه جنهن وقت اِنسان ڪروڌ ۾ هوندو آهي تنهن وقت هو پنهنجي ٻولي ڳالهائيندو آهي پوءِ بيربل اُن رات واري سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي سيني درٻارين بيربل جي ساراهه ڪئي ۽ اَڪبر بادشاهه پنهنجي ڳلي جو هار لاهي بيربل کي ڏنو ۽ هن جي عزت وڌائي.

**نوان لفظ:**

حيران ٿيڻ = عجب ۾ پئجي وڃڻ　　پريشان ڪرڻ = تنگ ڪرڻ　　حرڪت = ڪيچل، ڪروڌ، غصو

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

۱) اڪبر بادشاهه جي دربار ۾ آيل شخص ڪهڙو شرط رکيو؟
۲) آيل شخص ماتر ڀاشا سڃاڻڻ لاءِ اَڪبر بادشاهه کي گهڻو وقت ڏنو؟
۳) بيربل پرديسيءَ جي ڪمري ۾ ڇو ويو؟
۴) پرديسيءَ جي ماتر ڀاشا ڪهڙي هئي؟

**سوال ۲: هيٺين جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

۱) بيربل پرديسيءَ جي ماتر ڀاشا ڪيئن سڃاڻي سگهيو؟

**سوال ۳: هيٺان جملا ڪنهن ڪنهنکي چيا آهن.**

۱) ”اڙي! ڪير آهي؟ مونکي ننڊ ۾ پريشان ڪري رهيو آهي.“
۲) ”جهان پناهه هن جي ماتر ڀاشا سنڌي آهي.“

**سوال ۴: (الف) هيٺين جا ضد لکو:**

آخر، حاضر، ساراهه، عقلمند

**(ب) خال ڀريو:**

۱) بيربل وري ٻيو دفعو ساڳئي ----- ڪئي.
۲) پرديسيءَ شخص کي ------ ۾ هڪ ڪمري ۾ رهايو ويو.
۳) پورن ------ ڏينهن ڪانپوءِ پرديسي دربار ۾ حاضر ٿيو.

## پورڪ اَڀياس

**(۱) تڪرارتي عملي ڪم.**

پرديسي شخص کي محلات ۾ ........................................ عقلمند رهندا آهن.“

**(i)** هيٺ ڏنل ’صفت‘ ۽ ’اِسم‘ ڪالمن ۾ مناسب لفظ لکو :-

| صفت | ڳهري | پنهنجو | --- |
| --- | --- | --- | --- |
| اِسم | -- | -- | دفعو |

**(ii)** هيٺين جملن جو سلسلو ٺاهي لکو

١) پورن ستن ڏينهن کان پوءِ شخص دربار ۾ حاضر ٿيو.
٢) شخص کي محلات ۾، هڪ ڪمري ۾ رهايو ويو.
٣) اِهو ٻڌي شخص حيران ٿي ويو.
۴) جهان پناهه، هن جي ماترڀاشا سنڌي آهي.

**(iii)** هيٺين لفظن مان جملا ٺاهي لکو:-

١) محلات، رات، ماتر ڀاشا، حيران، ساراهه

**(iv)** هيٺين جا عدد جمع لکو:-

(١) ڪمرو، ڪَنُ، ٻولي، رات، وزيرُ.
(٢) اَڪبر - بيربل وانگر ’وتايو فقير‘ جا ٽوٽڪا هٿ ڪريو ۽ توهان کي وڻندڙ ٽوٽڪو ڪلاس ۾ اَچي ٻڌايو.
(٣) پنهنجي ماتر ڀاشا تي ١۵ کان ٢٠ جملا لکو.
(۴) تينالي راما جا قصا به مشهور آهن. اِنٽرنيٽ ذريعي يا لئبرريءَ ۾ وڃي پڙهي ڪوبه هڪ قصو پنهنجن لفظن ۾ لکو.
(۵) ”ڀارت ديش مهان“ اِن وشيه تي مضمون لکو.
(٦) هيٺين مهان نارين جي نيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪري لکو.



مئري ڪام — ڪلپنا چاولا — مئڊم ڪيوري — سُچيتا ڪرپالاڻي

# ١١. زندگي

## پڙهو، سمجهو ۽ ڳايو.



نئون روز ڪپڙو مَٽي زندگي،
ڇڏي ساهُه هِڪُ، ٻيو ڪٽي زندگِي.

هلي ڳَڏ سپِن سان، مگر جيئڻ وٽي،
اَسانکي اُتي ئي ڇڏي زندگِي.

مٽيءَ جي گُڏي جيئڻ هٿن مان ڪرِي،
تڏهن پِي سپِن کي وٽي زندگِي.

گهڻي سوچ سان سپ هلائڻ مگر،
ننڍي ٻار جيئڻ ٿِي نڳي زندگِي.

خوشي غم جا ڪجهه پل لِکايا سپِن،
نصيبن جو ليکو وٺي زندگِي.

سَپِنِ کي آ هلڻو هتان اڄُ سُڀان،
پَئِي طوطي وانگر رٽي زندگِي.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| مٽڻ = بدلائڻ | سوچَ = سَمُجهه | نصيب = ڀاڳُ |
| ليکو وٺڻ = حِسابُ وَٺڻُ | رٽڻ = وري وري چوڻ | |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) زندگي روز ڇا ٿي بدلائي؟
٢) اَسان کي زندگي ڪٿي ٿي ڇڏي؟
٣) مِٽيءَ جي گُڏي جي ڪنهن سان ڀيٽ ڪيل آهي؟
٤) زندگي ڪهڙو ليکو وٺي ٿي؟

**سوال۲: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

۱) طوطي وانگر زندگي ڇا رٽي پئي؟

۲) زندگيءَ جي پيٽ ڀار سان ڪيئن ڪيل آهي؟

۳) زندگيءَ بابت شاعرا جا ويچار پنهنجن لفظن ۾ لکو.

**سوال۳: خال ڀريو.-**

۱) نئون روز ----- مٺي زندگي.

۲) ---- اُتي ئي ڇڏي زندگي.

۳) گهٽي سوچ سان سڀ ------ مگر.

۴) خوشي غم جا ڪُجهُه پَل لکايا -------.

**سوال۴: بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو.**

۱) نئون روز ---------- ڪٽي زندگي.

۲) هلي ڳڍ ---------- ڇڏي زندگي.

۳) سَپِن کي ------------ رڪٽي زندگي.

**سوال۵: هم آوازي لفظ ڳولهي لکو.-**

## پورڪ اَڀياس

**(۱) شعر - بند تي عملي ڪم**


هلي ڳڍ سپني سان ------------------------------------- وٺي رندگي

**(i) هيٺ ڏنل سٽن جو نثري روپ لکو.**

۱) اَسان کي اُتي ئي ڇڏي زندگي.

۲) ننڊي پار جڻن تي ٽڳي زندگي.

**(ii) هيٺيان چوکنڊا ڀريو:**





**(۲) توهان کي هن ڪويتا جون ڪهڙيون سٽون وڻيون؟ ڇو؟ لکو.**

**(۳) پنهنجي دوستن يا ساهيڙين جي وچ ۾ پسگردائيءَ ۾ وڻ پوکڻ بابت گفتگو لکو.**

**(۵) 'زندگي' بابت ٿورن جملن ۾ پنهنجا رايا لکو.**

# ١٢. سچائيءَ جو انعام

## ٻڌو. پڙهو ۽ سمجهو.



هڪ نامي چور هڪ ڏينهن ڪنهن درويش وٽ ويو ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو، ”سائين! مان گنهگار آهيان. اوهين مونکي دعا ڪريو ته خدا منهنجو ڏوهه بخشي.“ درويش چيس، ”اي نادان، جيسين تون پنهنجون برايون نه ڇڏيندين، تيسين ڇوٽڪاري جي اُميد رکڻ اجائي اٿيئي. بس اچ ڪان ئي پنهنجي خراب ڪمن کان توبهه ڪر ۽ سنئين رستي تي اچ ته ڌڻي توتي مهربان ٿئي.“

چور جواب ڏنس، ”سائين چوري ڇڏڻ مونکان ڪين پڄندي، اِها عادت هاڻي پڪي ٿي چڪي آهي. باقي ٻيو ڪم چئو ته ڪريان.“

درويش چيس، ”ڀلا ايترو ڪر ته آئينده ڪوڙ ڪڏهن به نه ڳالهاءِ.“ چور اِها ڳالهه قبول ڪئي ۽ ڪوڙ کان توبهه ڪيائين.

ٻئي ڏينهن چور اِرادو ڪيو ته اڄ اڌ رات جو شاهي محل جي چوري ڪجي. جڏهن ٻه پهر رات جا گذريا، تڏهن چور نهي سنيري نڪتو. اتفاق سان بادشاهه به ڇمڙا پوش ڪري شهر جي سُڌِ لهڻ نڪتو هو. چور کي ڏسي ڇيائينس، ”مِيان، ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

چور جنهن سدائين سچ ڳالهائڻ جو اقرار ڪيو هو، جهٽ پٽ جواب ڏنو، ”شاهي محل ۾ چوري ڪرڻ ٿو وڃان.“

بدليل ويس ۾ بادشاهه چيس، ”مان به چور آهيان. مونکي به پاڻ سان وٺي هل.“ چور قبول ڪيو ۽ ٻئي گڏجي هليا.

جنهن وقت بادشاهه ۽ چور شاهي محل جي دروازي وٽ پهتا، تنهن وقت بادشاهه چيس، ”ميان، تون اندر وڃ، مان ٻاهر ٿو بيهي نگهباني ڪريان ته ڪو سنتري نه ڪونه ٿو اچي.“ چور اِها رٿ پسند ڪئي ۽ پاڻ هڪ دروازي جو ڪڙو ڀڃي اندر گهڙيو. هڪ ڪمري ۾ وڃي ڏسي ته هڪ ميز تي هيرا رکيا آهن. دل ۾ خيال ڪيائين ته هيرا آهن ٽي ۽ اسين ٻائيوار ٻه. ايمانداري انهيءَ ۾ آهي ته ٻنهي جا حصا هڪ جيترا هجن. اِنهيءَ ڪري اسين هڪ هڪ ورهائي ٻه هيرا ته ڪڍنداسين، باقي ٽيون ڪيئن ورهائينداسين، اِنڪري بهتر آهي ته ٽيون اِتيئي پيو رهي ۽ ٻه هيرا ڪڍان. اِهو فيصلو ڪري ٻه هيرا کيسي ۾ وجهي ٻاهر آيو ۽ هڪ هيرو پنهنجي ساٿيءَ کي ڏنائين ۽ ٻيو پاڻ رکيائين. بادشاهه کي ته محل جو سڀ حال معلوم هو. پڇيائينس، ”ميان، فقط ٻه هيرا هٿ آيئه؟“

چور جواب ڏنو، ”هيرا هئا ٽي، پر خيال ڪيم ته ٽيون ورهائبو

ڪيئن؟ سو ميز تي ئي ڇڏي آيس.``

بادشاهه کي شڪ پيو ۽ پاڻ اندر وڃي ڏٺائين ته برابر ٽيون هيرو ميز تي رکيل هو. هوُ چور جي ايمانداريءَ تي خوش ٿيو ۽ دل ئي دل ۾ سندس تعريف ڪرڻ لڳو.

رستي ۾ بادشاه چور کان موڪلائي موٽيو ۽ سڌو پنهنجي محلات ڏانهن وريو. وزير کي سڏي، پڳل دروازو ڏيکاري چيائين، ”منهنجا وفادار وزير! ڏس اڄ ڪنهن چور دروازو پڳو آهي ۽ اندران ڪجهه نه ڪجهه چوري ڪري ويو آهي. تون اندر وڃين ڏس ته ڪو نقصان ته ڪونه ٿيو آهي.`` وزير اندر ويو ۽ هڪ هيرو ميز تي رکيل ڏسي، اندرئين کيسي ۾ وجهي، ٻاهر آيو ۽ منهن فلهڙو ڪري بادشاهه کي چيائين، ”حضور! ميز وارا ٽي هيرا چور کڻي ويو.`` اِهو ٻڌي بادشاهه کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هيري وڃڻ جو ڏک ڪونه ٿيس، پر ارمان اِهو ٿيس ته سندس وزير کان ته چور وڌيڪ ايماندار آهي. وڌيڪ ڪي ڪين چيائين. وزير کي موڪل ڏنائين. پر صبح ٿيندي ئي وزير کي موقوف ڪري چور کي گهرائي کيس وزير مقرر ڪيائين. چور پڻ چوري ڪرڻ کان ٻه ڇٽو ۽ چورن جي ٻه پاڙ پٽي ڪڍيائين.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| دعا = آسيس | بخشي = معاف ڪري | سنئون = سڌو |
| تعريف = ساراهه | سنتري = دربان | معلوم = ڄاڻ، خبر |
| منهن فلهڙو ڪرڻ = مايوس ٿيڻ | چمڙا پوش = ويس بدلائي | وفادار = ايماندار |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) چور هٿ جوڙي درويش کي ڇا چيو؟
٢) چور کي رات جو ڪير گڏيو؟
٣) ميز تي گهڻا هيرا رکيا هئا؟
٤) چور ٻه هيرا ڇو کنيا؟

**سوال٢: هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو:-**

١) راڄا پڳل دروازو ڏسي پنهنجي وزير کي ڇا چيو؟
٢) راڄا کي ڏک ڇو ٿيو؟

**سوال٣: هيٺيان جملا ڪنهن ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) ”سائين! مان گنهگار آهيان.``
٢) ”شاهي محل ۾ چوري ڪرڻ ٿو وڃان.``
٣) ”مونکي ٻه پاڻ سان وٺي هل.``
٤) ”حضور! ميز وارا ٽي هيرا چور کڻي ويو.``

**سوال٤: هيٺين جا ضد لکو:**

(الف) ڏينهن، بادشاهه، شهر، ايماندار، نقصان، اِقرار

(ب) هيٺين جون صفتون ٺاهيو:
عادت، رات، شڪ، ڏُک

(ث) هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملي ۾ ڪم آڻيو.
اُميد رکڻ، قبول ڪرڻ، سُڌ لهڻ

(ٿ) وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو.
لاءِ، بادشاهه، وڃان ٿو، وفادار، اسين

## پورڪ اَڀياس

(ا) ڪِرتي عملي ڪم:
جنهن وقت بادشاهه ۽ چور ------------------------------------ سندس تعريف ڪرڻ لڳو.

(i) جملن جي برئڪيٽ ۾ صحيح بيان لاءِ ✓ ۽ غلط بيان لاءِ ✗ لکو.

١) محل جي دروازي تي منتري بيٺو هو. (          )
٢) چور ٽن هيرن مان ٻه هيرا کنيا. (          )
٣) بادشاهه کي محل جو سڀ حال معلوم هو. (          )
٤) بادشاهه کي چور جي ايمانداري وڻي. (          )

(ii) برئڪيٽ ۾ ڏنل هدايت سمجهي جملا وري لکو:

١) ٻه هيرا ڪيسي ۾ وجهي ٻاهر آيو (ليڪ ڏنل لفظ بدران 'هڪ' ڪم آڻيو.)
٢) چور اِها رٿ پسند ڪئي. (زمان مستقبل ۾ لکو.)
٣) بادشاهه کي شڪ پيو. (زمان حال ۾ بدلايو.)
٤) دل ئي دل ۾ سندس تعريف ڪرڻ لڳو.
(ليڪ ڏنل لفظ بدران ٻيو مناسب لفظ ڪم آڻيو.)

LYDNYC

(iii) گول ۾ مليل لفظن کي ساهوارن ۽ بي جان ۾ ورهايو:-

دروازو
بادشاهه
هيرا، ميز
پاڻيوار، چور
ساٿي، ڪڙو

| ساهوارا | بي جان |
|---|---|
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |

# ١٣. گُل ڪلايون اڱڻ ۾

## پڙهو. سمجهو ۽ ڳايو.



اڄ ته ملي ڪري، هڪ باغ بڻايون اَڱڻ ۾،
ٻوٽو ٻوٽو پنهنجي هٿن سان، پاڻ لڳايون اَڱڻ ۾.

سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا، هرڪوئي هڪ ٻئي ڏي تڪي
چو نه اڄ پنهنجي سوچ ملائي، جوت جڳايون اڱڻ ۾.

وقت ملڻ جو آيو آهي، ملي ڪري اُن ڳالهه کي سمجهون،
تو ۾ مون ۾ هڪ ئي رب آ، چو نه ويڇو وڃايون اڱڻ ۾.

هل ته هلون گڏجي ڳولهيون ڪي، منظر رات سهانيءَ جا،
چو نه سفر کي سهڻو بڻائي، جُهول جُهلايون اڱڻ ۾.

چو ”نردوش“ تو ذڪر ڪرين، آنڌي ۽ انڌياري جو،
چو نه اَڄ پنهنجو ٻوٽو ٻاري، گُل ڪلايون اڱڻ ۾.

### نوان لفظ:

تڪڻ = ڏسڻ | وِيڇو = دُوري، فاصلو | منظر = نظارا | ٻوٽو ٻارڻ = سنو ڪم ڪرڻ.

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) اڱڻ ۾ جوت ڪڏهن جڳندي؟
٢) ڪوي گڏجي ڇا ڳولهڻ لاءِ چوي ٿو؟
٣) ڪنهن جو ذڪر ڪوي نٿو ڪرڻ چاهي؟

**سوال ٢: هيٺين سٽن جي معنيٰ لکو:-**

١) وقت ملڻ جو آيو آهي، ملي ڪري ان ڳالهه کي سمجهون،
تون ۾ مون ۾ هڪ ئي رب آ، چو نه ويڇو وڃايون اڱڻ ۾.
٢) چو ’نردوش‘ تو ذڪر ڪرين، آنڌي ۽ انڌيا ري جو،
چو نه اڄ پنهنجو ٻوٽو ٻاري، گل ڪلايون اڱڻ ۾.

**سوال ۳: بيت جي سٽن جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| ۱) سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا | جهول جُهلايون اڱڻ ۾، |
| ۲) چو نہ اَڇ پنهنجي سوچ ملائي | هر ڪوئي هڪ ٻئي ڏي تڪي |
| ۳) هل تو هلون ڳڏجي ڳولهيون ڪي، | جوت جڳايون اڱڻ ۾ |
| ۴) چو نہ سفر کي سهڻو بڻائي | منظر رات سُهاني ۽ جا |

## پورڪ اَڀياس

**شعر - بند تي مشغوليون**

سوچيندي سوچيندي .......... جهولُ جُهلايون اَڱڻ ۾

**(i) هيٺ جملن سان لاڳاپو رکندڙ سٽون لکو:-**

۱) سيني ۾ هڪ ئي ايشور آهي.

۲) ياترا وٺندڙ بڻايو.

۳) اَچو تہ پيڊ پاءُ مٽايون.

۴) سوچ ويچار ۾ چڱو عرصو گذري ويو.


**(ii) ليڪ ڏنل لفظ بدران برڪيٽ مان مناسب جواب چونڊي جملو وري لکو:-**

۱) هرڪو ئي هڪ ٻي ڏي تڪي (نهاري، سڏي، ڏئي)

۲) منظر رات سهاني جا (چتر، نظارا، تارا)

۳) جوت جڳايون اڱڻ ۾ (پڙر، ڪمرو، ڇت)

۴) وقت ملڻ جو آيو آهي (سَمو، ڏينهن، سال)




**(iii) مثال موجب ڳول پريو:-**

**(iv) 'ڏياري' وشيہ تي مضمون لکو.**

**(۲) 'سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا.' اِن سٽ ۾ 'سوچيندي' لفظ بہ دفعا ڪم آيل آهي.**
**اَهڙي طرح برڪيٽ مان مناسب جواب ڳولهي خال پريو.**

**(زار زار، آهستي آهستي، هلندي هلندي، پڇيندي پڇيندي)**

۱) -------- هلندي بہ آخر ڪُمي اَورچائيءَ سان شرط کٽي.

۲) آخر ------ راڙا ڪي صحيح اڊريس ملي ئي ويئي.

۳) رانديڪو ٽٽڻ ڪري ٻار --------- روئڻ لڳو.

۴) بنا ڏيان ڪري راجيش ------- ڏڪو کاڌو.

LYHJZZ



مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و
اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

सिंधी (अरे.) सिंधुभारती इयत्ता ८ वी

₹ 30.00

